روزاني
سنڌيار
سکر
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR Sukkur
www.dailysindhyar.com
(جلد پهريون) جمع 06 جنوري 2023ع بمطابق 12 جمادي الثاني 1444ھ (قيمت 10 رپيا) شمارو 224

عمران خان کي گولي ناهي لڳي هو ڏيڍ مهيني کان ڊرامو ڪري رهيو آهي: راڻا ثناءُ الله

هنن فرادين جي ڪپڙن مان 4 گوليون نڪتيون ته ڇا اهي ٿافيون هيون، ڪوچوي ٿو 8 گوليون لڳيون، ڪوچوي ٿو 4 گوليون لڳيون ته پوءِ منهنجي حساب سان ته عمران خان کي 35 گوليون لڳيون

وزير آباد واقعي تي عمران خان صرف ڊرامي بازي ڪري رهيو آهي، هنن جي پنهنجن ڪارڪنن جوابدار نويد کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو، جوابدار جي اڳيان پنيان ڪير به نه هو، جيتري مرضي جاچ ڪريو، پيون، ٽيون جوابدار ڪوبه ناهي

قومي سلامتي ڪميٽي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڪنهن به دهشتگرد تنظيم سان ڳالهيون نه ٿينديون، افغانستان ۾ هڪ عبوري حڪومت آهي، انهن سان به ان معاملي تي ڳالهيون ڪيون وينديون

پاڪستان سميت سموري دنيا سان هنن واعدو ڪيو آهي ته هو پنهنجي زمين کي دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿيڻ نه ڏيندا، جيڪڏهن ان معاهدي تي افغانستان عمل ڪري ته پاڪستان سميت دنيا ۾ امن قائم ٿي ويندو

في الحال ٽي ٽي پي سان ڳالهيون نه ٿينديون ڳالهيون ٿيون به ته اهي افغان حڪومت سان ٿينديون ڪنهن به اهڙي تنظيم سان جيڪا عوام جي خلاف يا رياست جي خلاف دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿئي اها برداشت ڪرڻ جوڳي نه آهي

جيڪڏهن ڪيس ٽنگ ۾ گولي لڳي هجي ها ته پوءِ هن کي فريڪچر جو نه ٿيو اها عجيب ڳالهه آهي، جيڪڏهن گولي لڳي به هجي ها ته ٻن هفتن ۾ هي ٺيڪ ٿي چڪو هجي ها

اسلام آباد (م ډ) وفاقي گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو آهي ته عمران خان کي نمبري ماڻهو آهي ڪيس گولي ناهي لڳي، هو ڊرامو ڪري رهيو آهي جيڪڏهن ڪيس ٽنگ ۾ گولي لڳي هجي ها ته پوءِ هن کي فريڪچر جو نه ٿيو اها عجيب ڳالهه آهي. جيڪڏهن گولي لڳي به هجي ها ته ٻن هفتن ۾ هي ٺيڪ ٿي چڪو هجي ها پر اڃان تائين هي جوي ٿو ته مون کي ڏيڍ مهيني جو وقت گهرجي. اسلام آباد ۾ مذهبي معاملن معاملن واري وزير مفتي عبدالشڪور سان پريس ڪانفرنس ڪندي گهرو وزير چيو ته هنن فرادين جي ڪپڙن مان 4 گوليون نڪتيون ته ڇا اهي ٿافيون هيون، ڪو چوي ٿو 8 گوليون لڳيون، ڪو چوي ٿو 4 گوليون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 03

عام چونڊن ۾ تڪڙ ۽ دير جي مخالف ڪنداسين: بلاول ڀٽو

پيپلز پارٽي سمورين سياسي پارٽين لاءِ ضابطا اخلاق ناهڻ جو فيصلو ڪيو آهي، ضابطا اخلاق ناهڻ لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي سمورين پارٽي سان رابطو ڪنداسين

پ پ سدائين چيو آهي ته چونڊون وقت تي ٿينديون، تڪڙين چونڊن جي مخالف ڪري رهيا آهيون ته چونڊن ۾ دير جي به مخالفت ڪنداسين: پرڏيهي وزير

جيڪڏهن ٻوڏ متاثرن جي ڪنهن کي مدد ڪرڻي آهي ته ضرور ڪري، اسان ويلڪم ڪنداسين، جيڪڏهن عمران خان ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪرڻ چاهي ٿو ته ڪري

جيڪڏهن عمران خان چاهي ٿو ته اسان ٻوڏ متاثرن جا تفصيل ڪيس فراهم ڪيون ته اسان جا ڪامورا ائين نه ڪندا جو هو پهريان ئي نيب جا ڪيس ڀوڳي رهيا آهن

بلاول عمران خان ڏکڻ پنجاب ۽ ڪي پي جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪري، ائين ئي ڪي پي ۽ پنجاب جو عوام به اوسيئڙي ۾ آهي ته اتان جا وڏا وزير سنڌ جي مدد ڪن

پنجاب ۾ رئيل اسٽيٽ مافياز کي ڪليل ڇوٽ ڏني وئي، ڪير پڇڻ وارو ناهي، پهريان گوگي کي ڪرپشن بوزدار ڪندو هو هاڻي پرويز الاهي ڪري رهيو آهي ڪائڻ ڪير پڇڻ وارو ناهي

ڪراچي (رپورٽر) پيپلز پارٽي سمورين سياسي پارٽين لاءِ ضابطا اخلاق ناهڻ جو فيصلو ڪيو آهي. پ پ جي سينٽرل ايگزيڪيوٽو ڪميٽي جي اجلاس ڪانپوءِ پارٽي چيئرمين بلاول ڀٽو چيو ته ضابطا اخلاق ناهڻ لاءِ حڪومت ۽ مخالف ڌر جي سمورين پارٽي سان رابطو ڪنداسين. پ پ سدائين چيو آهي ته چونڊون وقت تي ٿينديون. تڪڙين چونڊن جي مخالف ڪري رهيا آهيون ته چ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 01

ڪراچي: پ پ جيئرمين بلاول ڀٽو زرداري سي اي سي اجلاس ڪانپوءِ ميڊيا سان ڳالهائيندي

مودي سرڪار مسلمانن لاءِ زمين تنگ ڪري ڇڏي، چار هزار گهرن تي بلڊوزر هلائڻ جو حڪم

رياست اتراکنڊ جي شهر هلدواني ۾ مسلمانن کي بي گهر ڪرڻ جي تياري ڪئي وئي آهي: پرڏيهي ميڊيا

اتراکنڊ جي هاءِ ڪورٽ مسلمانن جي آبادي واري علائقي ۾ 4 هزار گهرن تي بلڊوزر هلائڻ جو حڪم ڏنو آهي

هلدواني (م ډ) ڀارتي وزيراعظم نريندر مودي جي حڪومت ڀارت ۾ مسلمانن لاءِ ڌرتي تنگ ڪري ڇڏي، پرڏيهي ميڊيا موجب رياست اتراکنڊ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 08

سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري راولپنڊي ۾ درگاهه عاليه محمديه عيد گاهه شريف پهتو

سجاده نشين پير نقيب الرحمان، پير حسان حسيب الرحمان ۽ مريدن پاران شاندار استقبال ڪيو ويو

سنڌ جي گورنر حضرت حافظ عبدالڪريم جي مزار تي حاضري ڏني مزار تي گل رکيا: ذريعا

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي گورنر ڪامران خان ٽيسوري راولپنڊي ۾ درگاهه عاليه محمديه عيد گاهه شريف پهتو، سجاده نشين پير نقيب الرحمان، پير حسان حسيب الرحمان ۽ مريدن پاران شاندار استقبال ڪيو ويو، سنڌ جي گورنر حضرت حافظ عبدالڪريم /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 10

ڪراچي: اڳوڻي صدر آصف زرداري پريس ڪانفرنس ڪندي

سنڌ ڪانپوءِ پنجاب کي فتح ڪرڻ لازمي آهي: آصف زرداري

ڪنهن به سياسي جماعت جي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندا سين، سنڌ ڪانپوءِ پنجاب تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي: اڳوڻو صدر

بلاول ڀٽو زرداري جي اثرائتي سفارتڪاري جي نتيجي ۾ ڪشمير مسئلو دنيا ۾ ڀيهر اجاگر ٿيو آهي: پ پ ڪو چيئرمين

اجلاس ۾ ٽي ٽي پي جي ڌمڪين، ايم ڪيو ايم جي مطالبن ۽ نون ليگ جي پاليسين بابت به غور ويچار ڪيو ويو

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي صدر آصف زرداري چيو آهي ته ڪنهن به سياسي جماعت جي بليڪ ميلنگ ۾ نه ايندا سين، سنڌ ڪانپوءِ پنجاب تي ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. وفاق ۾ حڪومت ناهڻ لاءِ پنجاب کي فتح ڪرڻ لازمي آهي آصف علي زرداري ۽ بلاول جي صدارت هيٺ پيپلزپارٽي جي سي اي سي جو اجلاس ٿيو جنهن ۾ ملڪ جي سياسي صورتحال تي غور ويچار ڪيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 07

آرمي چيف جنرل عاصم منير جو سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جو سرڪاري دورو

عاصم منير جي اسلامي برادر ملڪن جي قيادت سان ملاقاتن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، فوجي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي

ٻه طرفي مسئلا ٻئي طرف سعودي ميڊيا موجب جنرل عاصم منير ٻجاءِ واري وزير شهزاده خالد بن سلمان بن عبدالعزيز سان ملاقات ڪئي: ذريعا

آرمي چيف ۽ سعودي ٻجاءِ واري وزير وچ ۾ ملاقات ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ ۽ مستقبل ۾ هڪ ٻئي جي مدد جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو ويو

راولپنڊي (م ډ) آرمي چيف جنرل عاصم منير برادر سعودي عرب ۽ گڏيل عرب امارات جي سرڪاري دوري تي آهي. پاڪ فوج جي عام لاڳاپن واري شعبي (آءِ ايس پي آر) موجب آرمي چيف برادر ملڪن جي اعليٰ قيادت سان ملاقاتون /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 12

رياض: آرمي چيف جنرل عاصم منير سعودي عرب جي ٻجاءِ واري وزير سان ملاقات ڪندي

فنڊنگ ڪيس: عمران خان جي عبوري ضمانت ۾ واڌ، جاچ جو حڪم

اسلام آباد (رپورٽر) اسلام آباد جي بئنڪنگ ڪورٽ ممنوع فنڊنگ ڪيس ۾ چيئرمين پي ٽي آءِ عمران خان جي عبوري ضمانت ۾ 31 جنوري تائين واڌ ڪري ڇڏي. بينڪنگ ڪورٽ جي جج رخشنا شاهين پابندي مڙهيل فنڊنگ ڪيس ۾ عمران خان جي گرفتاري کان اڳ واري ضمانت واري ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. اسپيشل پراسيڪيوٽر رضوان عباسي عمران خان جي ضمانت /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 16

وزير آباد واقعو پي ٽي آءِ وارن پاڻ ڪرايو، جوابدار جي وڪيل وڏا انڪشاف ڪري ڇڏيا

عمران خان کي جيڪا جي آءِ ٽي پسند ناهي هوندي آهي اها تبديل ڪئي ويندي آهي، جي آءِ ٽي واقعي واري هنڌ تان هٿ آيل ثبوتن کي جاچ جو حصو ناهي بڻايو

جوابدار جو وڌيڪ رمانڊ ڏيڻ جي ڪا ضرورت نه آهي، سخت ٿڌ ۾ ماءُ کي آڏو ويهاري جوابدار کان مرضي موجب بيان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي

پي ٽي آءِ وارا عدالت انڪري نٿا وڃن جو جو سچ جو واقعو سندن گهڙيل آهي، اسان کي عمران جي زخمي ٿيڻ تي يقين ناهي، هو ڪوڙ ڳالهائڻ تيز آهن

لاهور (م ډ) پاڪستان تحريڪ انصاف عمران خان تي حملي جي الزام هيٺ گرفتار جوابدار نويد جي وڪيل جو چوڻ آهي ته وزير آباد واقعو لانگ مارچ ۾ ساهه ڦوڪڻ لاءِ پاڻ ڪرايو ويو . لاهور ۾ پريس ڪانفرنس ڪندي جوابدار نويد بشير جي وڪيل /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 19

حڪومت جو آخري هفتو شروع، ڪارڪن اليڪشن جي تياري ڪري وٺن: فواد چوڌري

ملڪ عام چونڊن طرف وڌي رهيو آهي، ملڪ عام چونڊن طرف وڌي رهيو آهي: پاڪستان تحريڪ انصاف جو اڳواڻ

ٽيڪنوڪريٽ حڪومت جهڙيون سازشون ناڪام ٿينديون، عمران خان عام چونڊن جي نتيجي ۾ مستحڪم حڪومت ناهيندو

موجوده حڪومت جا آخري هفتا شروع ٿي ويا آهن: پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ جي سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ دعويٰ

اسلام آباد (م ډ) پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ فواد چوڌري جو چوڻ آهي ته ملڪ عام چونڊن طرف وڌي رهيو آهي. سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ فواد چوڌري پي ٽي آءِ ڪارڪنن کي چونڊن جي تيارين جي هدايت ڪندي چيو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 21

پي ٽي آءِ غير ذميوارانا بيان نه ڏي، اعتماد جو ووٽ نه وٺندس: پرويز الاهي

پاڻ کي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اعتماد جو ووٽ ڏيارڻ واري اعلان کان ڌار ڪري ورتو

اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي ڪائي ضرورت نه آهي، گورنر پنجاب جي غير قانوني حڪم کي نٿو مڃان

مجلس وحدت المسلمين جي زهرا نقوي ۽ پي ٽي آءِ جي مومنه وحيد اعلان ڪري چڪيون آهن

لاهور (م ډ) پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ وٺندو يا نه؟ ان حوالي سان پرويز الاهي چيو آهي ته اعتماد جي ووٽ بابت گورنر جي خط کي نٿو مڃان، اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو مطلب گورنر جو خط تسليم ڪرڻ هوندو. پنجاب جي وڏي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 24

دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ ڊاڪٽر عاصم سميت ٻين جي خلاف دهشتگردن جي علاج ۽ سهولت ڪاري جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي

ڪراچي (رپورٽر) دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ ڊاڪٽر عاصم سميت ٻين جي خلاف دهشتگردن جي علاج ۽ سهولت ڪاري جي حوالي سان ڪيس جي ٻڌڻي ٿي. عدالت ۾ ڊاڪٽر عاصم ۽ وفاقي وزير قادر پٽيل پيش نه ٿيا. ڊاڪٽر عاصم ۽ قادر پٽيل پاران حاضري کان ڇوٽ واري درخواست لڳي وئي. ڊاڪٽر عاصم بيمار آهي حاضر نٿو ٿي سگهي. عدالت ٻئي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 26

لاهور: پنجاب جي وڏي وزير پرويز الاهي اجلاس جي صدارت ڪندي

حليم عادل شيخ پنهنجي وڪيلن سميت دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿيو

سرڪاري ملازمن تي فائرنگ ڪرڻ جو ڪيس حليم عادل شيخ خلاف گلشن معمار ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي، پي ٽي آءِ اڳواڻ حليم عادل شيخ

ڪوڙا ڪيس ٺاهيا ويا آهن، هر روز عدالتن ۾ پيش ٿيندو آهيان، مون تي سرڪاري آفيسرن تي فائرنگ ڪري پڇي وڃڻ جو ڪيس ٺاهيو ويو آهي

مان جتي به وڃان ٿو ڪيس ٺاهيا وڃن ٿا، منهنجي خلاف 28 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس دهشتگردن کي پڪڙي نه ٿي سگهي

ڪراچي (رپورٽر) سينٽرل جيل ۾ موجود دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ مخالف ڌر جي اڳواڻ حليم عادل شيخ خلاف گلشن معمار ٿاڻي تي سرڪاري آفيسرن تي فائرنگ ڪرڻ وارو ڪيس جي ٻڌڻي ٿي، حليم عادل شيخ پنهنجي وڪيلن سميت دهشتگردي ٽوڙ عدالت ۾ پيش ٿيو سرڪاري وڪيل ۽ پوليس فائل پيش نه ٿيڻ تي ٽوڙ ڪيس جي ڪارروائي نه هلي سگهي. /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 04

پ پ آصف علي زرداري جي ريفرنس تي اڃان تائين فيصلي جي منتظر آهي: نثار کهڙو

اسين سپريم ڪورٽ کان مطالبو ٿا ڪيون ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي واري فيصلي کي عدالتي قتل قرار ڏئي تاريخ ۾ درستگي ڪئي وڃي

ماضيءَ ۾ سپريم ڪورٽ جي ان وقت جي جج جسٽس نسيم حسن شاهه پڻ اهو اعتراف ڪيو هو ته شهيد ڀٽو جي ڦاهي وارو فيصلو زبردستي لکرايو ويو هو

ڪراچي (رپورٽر) پي پي پي سنڌ جي صدر نثار کهڙو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو کي خراج تحسين پيش ڪندي چيو آهي ته پيپلز پارٽي شهيد ڀٽو جي ڦاهي واري فيصلي کي عدالتي قتل قرار ڏيڻ بابت آصف علي زرداري جي ريفرنس تي اڃان تائين فيصلي جي منتظر آهي. خميس ڏينهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگرهه جي موقعي تي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته اسين سپريم ڪورٽ کان مطالبو ٿا ڪيون ته شهيد /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 05

ايمازون جو 18 هزار کان وڌيڪ ملازمن کي نيڪال ڪرڻ جو اعلان

ڪراچي (م ډ) دنيا جي سڀ کان وڏي اي ڪامرس ڪمپني ايمازون 18 هزار کان وڌيڪ ملازمن کي نيڪال ڪرڻ جو اعلان ڪيو آهي. رپورٽ موجب ان کان اڳ آمريڪي ڪمپني ڪڏهن به ايتري وڏي انگ ۾ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 02

سنڌ جي دوري ۾ بلاول ڀٽو جي پيرين اگهاڙي ٻارن سان تصوير زير بحث

ڪراچي (م ډ) سنڌ جي ٻوڏ متاثر علائقن جي دوري ۾ پرڏيهي وزير پاڪستان پيپلز پارٽي جي چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري جي پيرين اگهاڙين ٻارن سان تصوير سوشل ميڊيا تي بحث جو موضوع بڻجي وئي. رپورٽ موجب سوشل ميڊيا /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 09

اسحاق ڊار ڪنهن ٻئي جو وزير ٿيڻ برداشت نٿو ڪري سگهي: مفتاح اسماعيل

اسحاق ڊار مون کي برداشت نٿو ڪري ۽ هن ڪنهن ٻئي ماڻهو کي وزير نه ڏنو آهي، مان سمجهان ٿو ته ڪيس مسلم ليگ ۾ وزير ٿيڻ گهرجي ها

مون کي پارٽي مان هٽايو ويو آهي، 6 مهينن کان ناڻي واري وزير اسحاق ڊار منهنجي خلاف مهم هلائي، 160 ڊالر ادا ڪندس: اڳوڻو ناڻي وارو وزير

اينڪر منهنجي خلاف ٽوئيٽ ڪيو ۽ پروگرام پڻ منعقد ڪيو، اسحاق ڊار کي ناڻي وارو وزير بڻجڻ جو ڏاڍو شوق هو، پارٽي ۾ ميان صاحب جا به رشتيدار آهن

ڪراچي (رپورٽر) اڳوڻي ناڻي واري وزير مفتاح اسماعيل چيو آهي ته اسحاق ڊار مون کي برداشت نٿو ڪري ۽ هن ڪنهن ٻئي ماڻهو کي وزير نه ڏنو آهي، مان سمجهان ٿو ته ڪيس مسلم ليگ ۾ وزير ٿيڻ گهرجي ها. سوشل ميڊيا پوڊ ڪاسٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 06

ڪراچي: اڳوڻو ناڻي وارو وزير مفتاح اسماعيل پريس ڪانفرنس ڪندي

ڪابل ۾ پاڪستاني سفارتخاني تي حملو ڪندڙ دهشتگرد مارجي ويا

ڪابل (م ډ) افغان طالبان پاران ڪيل آپريشن ۾ پاڪستاني سفارتخاني ۽ چيني شهرين تي حملي ۾ ملوث داعش جا 8 دهشتگرد مارجي ويا. افغان حڪومت جي ترجمان ذبيح الله مجاهد موجب داعش جي خلاف ڪابل ۽ نيمروز صوبن ۾ آپريشن ٿيو جنهن ۾ 8 دهشتگرد ماريا ويا. ذبيح الله مجاهد چيو ته دهشتگردن جي قبضي مان وڏي انگ ۾ هٿيار، دستي بم ۽ ٻيو بارود /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 11

اسلام آباد: وزيراعظم شهباز شريف اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ وٺي يا نه وٺي، وڏو وزير نه ٿيندو: پي ڊي ايم ترجمان

چوڌري پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ وٺي يا نه وٺي، وڏو وزير نه رهندو: حافظ حمدالله

عمران خان جو 9 جنوري تي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو اعلان رڳو خبرون رهجي ويندو

اسلام آباد (م ډ) پاڪستان ڊيموڪريٽڪ موومينٽ (پي ڊي ايم) جي ترجمان حافظ حمدالله چيو آهي ته چوڌري پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 15

شاهه لطيف ڪالوني ۾ بدامني وڌي وئي

هڪ ئي رات دوران نامعلوم چور 5 سولر پليٽون لاهي ويا

چور قربان سومرو جون 2 مينهون ڪاهي فرار ٿي ويا

حيدرآباد (رپورٽر) شاهه لطيف ڪالوني ۾ بدامني وڌي وئي. چورين جا واقعا روز جو معمول بڻجي ويا. رپورٽ موجب ڀڄاري ٿاڻي ويجهو چور /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 17

ڪي پي حڪومت جي ترجمان جا گرفتاري وارنٽ جاري

گرفتاري وارنٽ اسلام آباد جي سينيئر اسپيشل مجسٽريٽ سردار محمد آصف جاري ڪيا آهن

سي ڊي اي قانونن جي ڀڃڪڙي تي طلبي باوجود حاضر نه ٿيڻ تي بيرسٽر سيف جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا

پشاور (رپورٽر) خيبرپختونخوا سرڪار بيرسٽر محمد علي سيف جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪري ڇڏيا آهن گرفتاري وارنٽ اسلام آباد جي سينيئر اسپيشل مجسٽريٽ سردار محمد آصف جاري ڪيا آهن سي ڊي اي قانونن جي ڀڃڪڙي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 20

لاهور: پنجاب جي گورنر محمد بليغ الرحمان سان يونائيٽيڊ نيشن پاپوليشن جو نمائندو ملاقات ڪندي

ڊالر جي ڀيٽ ۾ رپئي جي مُلهه ۾ وڌيڪ لاٿ

ڪاروبار جي پڄاڻي تي ڊالر جو اڳهه 17 پئسا واڌ بعد 227 رپيا 12 پئسا ٿي ويو آهي

ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالهه جو مُلهه 236 رپيا برقرار آهي: اسٽيٽ بينڪ

ڪراچي (رپورٽر) ملڪ ۾ آمريڪي ڊالر جي مُلهه ۾ واڌ جو سلسلو جاري آهي ۽ اڄ به انٽر بئنڪ ۾ ڊالر 17 پئسا مهانگو ٿيو آهي. اسٽيٽ بئنڪ طرفان /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 25

ڪار بم ڌماڪن ۾ 35 ماڻهو اجل جو شڪار، 40 کان وڌيڪ زخمي

بم ڌماڪن ۾ فوت ٿيندڙن جي اڪثريت عام شهرين جي آهي جن ۾ عورتون ۽ ٻار پڻ شامل آهن

مرڪزي صوماليا جي شهر مهاس ۾ ٿيندڙ ڌماڪن ۾ القائدا جو دهشتگرد گروهه الشباب ملوث آهي

موگاديشو (م ډ) صوماليا جي شهر مهاس ۾ ٻن ڪار ڌماڪن ۾ هڪ ئي خاندان جي 8 ماڻهن سميت 35 ماڻهو اجل جو شڪار ٿي ويا جڏهن ته 40 کان وڌيڪ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 27

ارشد شريف قتل ۾ عدالت سنجيدا آهي: چيف جسٽس

سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بينچ صحافي ارشد شريف قتل ماملي تي پاڻمرادي نوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي

اڳيرائي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي، اسپيشل جي آءِ ٽي 41 ڄڻن جا بيان رڪارڊ ڪيا آهن جاچ ڪينيا، يو اي اي ۽ پاڪستان سميت ٽن حصن ۾ هلي آهي

جاچ جي ٽي مرحلا آهن، هڪ پاڪستان، ٻيو دبئي ۽ ٽيون ڪينيا آهي، ڇا پهرين مرحلي جي جاچ مڪمل ٿي وئي آهي؟: جسٽس اعجاز الحسن

اسلام آباد (م ډ) چيف جسٽس پاڪستان جسٽس عمر عطا بنديال ارشد شريف قتل ڪيس جي ٻڌڻي دوران رمارڪس ڏنا آهن ته ارشد شريف جو موت نه رڳو انساني حق جو معاملو آهي پر بيرحمانو قتل هو سندس ملڪ ڇڏڻ وارن سببن جي جاچ /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 13

منشيات فروشن خلاف ڪاروائي جو حڪم، دهشتگردي برداشت نه ڪبي: سيد مراد علي شاهه

اجلاس ۾ صوبائي وزيرن ناصر شاهه، شرجيل ميمڻ، مرتضيٰ وهاب، ليفٽيننٽ جنرل بابر افتخار، سهيل راجپوت، ميجر جنرل اظهر وقاص، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ ۽ ٻيا به موجود هئا

اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ايڊيشنل آءِ جي اسپيشل برانچ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، انٽيليجنس ادارن جي صوبائي سربراهن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي

هن ڌرتيءَ تي دهشتگردي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين، اسان کي سيڪيورٽي انتظام، انٽيليجنس سسٽم ۽ ٽارگيٽيڊ آپريشنز کي وڌيڪ بهتر ڪرڻو پوندو

ڪراچي (رپورٽر) سنڌ جي وڏي وزير سيد مراد علي شاهه جي صدارت هيٺ ايپڪس ڪميٽي جو 28 هون اجلاس ٿيو. اجلاس ۾ صوبائي وزيرن ناصر شاهه، شرجيل ميمڻ، مرتضيٰ وهاب، ڪور ڪمانڊر ليفٽيننٽ جنرل بابر افتخار، چيف سيڪريٽري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 14

ڪراچي: سنڌ جو وڏو وزير سيد مراد علي شاهه اعليٰ سطحي اجلاس جي صدارت ڪندي

ن ليگ کي شوڪاز ڏيڻ جو حڪم، وڪيل آخري مهلت گهري ورتي

اسلام آباد (م ډ) چيف اليڪشن ڪمشنر انٽرا پارٽي اليڪشن جي معاملي تي مسلم ليگ (ن) کي شوڪاز نوٽيس جاري ڪرڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو آهي چيف اليڪشن ڪمشنر سڪندر سلطان راجا جي سربراهي ۾ 3 رڪني بينچ مسلم ليگ (ن) جي انٽرا پارٽي چونڊن واري معاملي تي احسن اقبال ۽ شهباز شريف کي جاري ڪيل نوٽيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن ۾ (ن) /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 18

اٽي جو بحران ۽ مهانگائي خلاف سنڌ سراپا احتجاج، مُک شاهراهه بلاڪ

سنڌ ۾ اٽي جي بحران ۽ مهانگائي خلاف ٻئي ڏينهن به سخت احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا

عمرڪوٽ ۾ شهرين جو اٽي جي مهانگن اگهن تي وڪري خلاف الله واري چوڪ تي ڪيترن ئي ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻو جاري

ٽي آءِ جا ڪارڪن به ريلي جي صورت ۾ ڌرڻي ۾ شامل ٿي ويا، ڌرڻي سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل رهي

ڪراچي (نمائندن وٽان) سنڌ ۾ اٽي جي بحران ۽ مهانگائي خلاف ٻئي ڏينهن به سخت احتجاجي مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا عمرڪوٽ ۾ شهرين جو اٽي جي مهانگن اگهن تي وڪري خلاف الله واري چوڪ تي ڪيترن ئي ڪلاڪن کان لڳل ڌرڻو /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 22

ڪيس جي پوئيواري ڪرڻ تي حملو ڪيو ويو، حياتي کي خطرو آهي: پروين رند

سيڪيورٽي نه ملڻ سبب دولتپور جي عدالت ۾ پيشي تي نه وڃي سگهيس، حملو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ناهي وئي

چيف جسٽس ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿي ڪريان ته مون کي هن وقت تائين سيڪيورٽي فراهم ناهي ڪئي وئي

ڪنهن به مدد ناهي ڪئي، وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي مطالبو ڪنديس ته هن معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي

دادو (رپورٽر) دادو ۾ هراسمينٽ جو شڪار شاگردياڻي پروين رند جي گهرڀاتين سميت ڀڪ هڙتال جاري آهي، دادو ۾ ميبنا هراسمينٽ جو شڪار ٿيل شاگردياڻي پروين رند جي گهرڀاتين سميت چوٿين ڏينهن به ڀڪ هڙتال جاري /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 23

لاهور: عوامي مسلم ليگ جو سربراهه پي ٽي آءِ چيئرمين عمران خان سان ملاقات ڪندي

اسرائيلي فوجي جي قتل جي الزام ۾ چاليهه سال قيد ڪاٽيندڙ فلسطيني شهري آزاد

تل ابيب (م ډ) اسرائيلي حڪومت دنيا جي سڀ کان پراڻي قيدي کي آزاد ڪري ڇڏيو پرڏيهي خبررساني ادارن موجب اسرائيل جي جيل ۾ 40 سال گهاريندڙ فلسطيني قيدي اسرائيلي حڪومت آزاد ڪري ڇڏيو آهي ڪريم يونس کي والاريل گولان ۾ اسرائيلي فوجي جي قتل جي الزام هيٺ 1983ع ۾ گرفتار ڪيو ويو هو قيد مان آزادي بعد ميڊيا ڳالهائيندي ڪريم يونس چيو ته مونکي /بقايا پڙهو صفحو 2 نمبر 28

چمبڙ ۾ نوجوان علي انور گوپانگ جا قاتل گرفتار نه ٿيڻ خلاف احتجاجي مظاهرو، نعريبازي

وارثن قاتلن جي گرفتاري لاءِ ٽاٽي اڳيان ٽائيرن کي باهه ڏئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين روڊ بند ڪري ڇڏيو

30 ڪلاڪ گذرڻ باوجود به مک جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن ڪي اسان جوابدرن جي نشاندهي به ڪرائي آهي: اڳواڻ

قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي اگر قاتل گرفتار نه ٿيا ته پوءِ صورت ۾ سموري سنڌ ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

چمبڙ(رپورٽر)ب قاتلن جي گرفتاري لاءِ وارثن پاران احتجاجي ڌرڻو هينئو ويو ۽ ٽائيرن کي باهيون ڏنيون ويون قتل ٿي ويل علي انور گوپانگ جي وارثن پاران چمبڙ ٽاٽي اڳيان ٽائيرن کي باهه ڏيئي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو مظاهرين /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 01

نوشهروفيروز: جوڙو تحفظ لاءِ احتجاج ڪندي

سيٺارجا ۾ سيدنا ابوبڪر صديق رضہ ۽ يارهين شريف جو پروگرام منعقد

سيٺارجا(رپورٽر) سيٺارجا شهر جي مرڪزي جامع مسجد غوثيہ ۾ عظيم عاليشان محفل ذڪر سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنہ ۽ يارهين شريف جو پروگرام منعقد ڪيو ويو جنهن ۾ تلاوت قرآن پاڪ قاري محمد ابراهيم پاران ڪئي وئي جڏهن ته خصوصي خطاب جامع مسجد غوثيہ سيٺارجا علامہ مولانا محمد وقاص احمد /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 02

شهداد ڪوٽ جو جوڙو تحفظ لاءِ نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پهچي ويو

عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪرڻ ڪانپوءِ مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن: جوڙو

نوٽيس وٺي زندگي گذارڻ ڏني وڃي چو ته زندگين کي خطرو آهي

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) شهداد ڪوٽ جو جوڙو تحفظ لاءِ نوشهروفيروز جي عدالت ۾ پهچي ويو ناري صائم پرڙو ۽ نوجوان عبدالوهاب مستوئي ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته 29 ڊسمبر تي سيوهڻ جي عدالت ۾ پسند جو پرڻو ڪرڻ ڪان پوءِ مائٽ جان جا ويري بڻجي ويا آهن ناري صائم وڌيڪ ٻڌايو ته مون پنهنجي مرضي سان عبدالوهاب سان پسند جو پرڻو ڪيو آهي پر منهنجي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 03

سجاول ۾ عوامي تحريڪ پاران ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي ۽ ٻين مسئلن خلاف احتجاجي ريلي

سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري، سامونڊي پٽي، تيل، ڪوئلو، گئس، وفاق حوالي ڪرڻ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو ويو

سنڌ حڪومت زمينون، تيل، گئس، ڪوئلو وفاق جي اختيارن ۾ ڏيڻ جي قرارداد پاس ڪري وسيلن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي: مظاهرين

عوام زمينن ۽ وسيلن جي نيلامي خلاف ڀرپور جدوجهد ڪندو ۽ پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي وسيلن ۽ زمينن جي نيلامي روڪرائيبي

سجاول(رپورٽ ممتازعلي نهڙيو) سنڌ ۾ ڌارين جي آبادڪاري، سامونڊي پٽي، تيل، ڪوئلو، گئس، وفاق حوالي ڪرڻ ۽ ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف عوامي تحريڪ طرفان اعلانيل جدوجهد جي سلسلي ۾ اڄ ٿي ڏينهن وصل مارچ سجاول ڀٽو جيڪو ملاح چوڪ بائي پاس کان سجاول شهر جي مک بازار مان ٿيندو پبلڪ پارڪ پهتو، وصل مارچ جي اڳواڻي عوامي تحريڪ جي مرڪزي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 07

سجاول: عوامي تحريڪ پاران ڳاٽي ٽوڙ مهانگائي خلاف احتجاج ڪيو ويو

فريدآباد ۾ سماجي تنظين پاران متاثرن ۾ گرم ۽ ٻيو سامان تقسيم

فريدآباد(رپورٽر) فريدآباد سماجي تنظير ڪيئرٽي رليف فائونڊيشن ڪراچي پاران فريدآباد ڪاچي جي ٻوڏ متاثر رهواسين ۾ راشن، گرم ڪپڙا، ٿڌ کان بچاءَ لاءِ سئيٽر ۽ ٻيو سامان تقسيم ڪيو ويو، ڪاچي واسين پاران ڊونرن کي دعائون ان ڏس ۾ فريدآباد ڪاچي واسي ڪلي اسمان ويلل ٻوڏ متاثرن ۾ سماجي تنظيم /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 09

سيٺارجا واسي نوجوان هڪ مهيني کان گم ٿي ويل نوجوان فوت

راشد علي نول جي طبعيت خراب ٿيڻ سبب شهرين کيس اسپتال پهچايو جتي هو فوت ٿيو

لاوارث ڄاڻائي ميتي ماءُ حوالي، تصويرن سوشل ميڊيا تي هلڻ بعد وارثن سڃاڻپ ڪري ورتي

عثمان آباد واسي 25 سالا نوجوان پٽ راشد علي نول دماغ توازن خراب هجڻ سبب گم ٿي ويو

سيٺارجا(رپورٽر) سيٺارجا شهر جي محلا عثمان آباد جي رهواسي محمد اشرف نول جو 25 سالا نوجوان پٽ راشد علي نول دماغي توازن خراب هجڻ ڪري گذريل هڪ مهيني کان گم ٿي ويو هيو جنهن جي وارثن پاران ڪافي ڳولا ڪرڻ جي باوجود هٿ اچي نه سگهيو جنهن جي گذريل ٿي ڏينهن ڀريان ميهڙ شهر جي هوٽل تي طبعيت خراب ٿي وئي جنهن کي شهرين اسپتال پهچايو جتي هو فوت /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 11

مخالفن جي هميشه هار ۽ الله جي فضل سان مهر گروپ کي سوڀ ملي آهي: حاجي خان مهر

جيڪي ڪوڙا ڪيس آهن ۽ يا جيڪي اسان جي مٿان ماڻهو اغوا ڪرڻ جا الزام آهن اهي سياسي انتقام جي ڪوشش آهن

اسان هر دور ۾ اهڙن هٿ ڪنڊن جو جمي ڪري مقابلو ڪيو آ ۽ هاڻي به ڪندا رهنداسين، مخالفن جي سازشن کان ڊڄڻ وارو ناهيون

مهر گروپ کي مخالفن هميشه سياسي انتقام جو نشانو بڻايو آهي جڏهن ته اسان هميشه ڪوڙن ڪيسن کي بهي ڪري مقابلو ڪيو آهي

سرحد (رپورٽر غلام عباس مهر) سرحد، اگوٺو ضلعي چيئرمين سردار حاجي خان مهر چيو آهي ته جيڪي ڪوڙا ڪيس آهن ۽ يا جيڪي اسان جي مٿان ماڻهو اغوا ڪرڻ جا الزام آهن ايهي سياسي انتقام بڻائڻ جي اسان کي ڪوشش ڪئي وڃي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 13

سرحد: اگوٺو ضلعي چيئرمين سردار حاجي خان مهر ۽ ٻين جو نڪتل گروپ فوٽو

فريدآباد ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره ملهائي وئي

فريدآباد (رپورٽر) فريدآباد ۾ ايشيا جي عظيم ليڊر شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره ملهائي وئي. ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ . شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ايشيا جو عظيم ليڊر هو. بلاول ڀٽو زرداري. آصف علي زرداري. صنم ڀٽو. آصفا ڀٽو. فريال ٽالپر ۽ پاڪستان جي عوام کي سالگره جون مبارڪون خبرموجب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 14

سلطانپور جي ڪينٽ ٽاڻي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي

چورين روز جو معمول بڻيل، رهواسي راتيون جاڳڻ تي مجبور ٿي ويا

نامعلوم ڦورو ڏينهن ڏٺي جو نوجوان کان موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

سلطانپور(رپورٽر) سلطانپور جي ڪينٽ ٽاڻي جي حد ۾ بدامني چوٽ چڙهي وئي چورين روز جو معمول بڻيل، نامعلوم ڦورو ڏينهن ڏٺي جو نوجوان کان موٽر سائيڪل ڦري ڪري فرار ٿي ويا، خبر موجب سلطانپور ۾ قائم ڪينٽ ٽاڻي جي حد ۾ وڌنڌڙ بدامني خلاف مختلف علائقي واسين پاران ڪيل احتجاجن جو ڪنهن به نوٽيس نه ورتو جنهن سبب چورين ۽ ڦورن روز جو معمول بڻجي ويون آهن جنهن هلندڙ سلسلي ۾ ڪينٽ ٽاڻي جي حد ڳوٺ جلال انڊڙ مان ڏينهن ڏٺي جو نامعلوم چور نوجوان سهراب پٽ عبدالغفور انڊهڙ کان هٿيارن جي زور تي سي ڊي موٽر سائيڪل 2019 ۽ روڪ رقم ڦري ڪري فرار ٿي ويا نوجوان ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته مان پنهنجي زمين ڏانهن پئي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 16

نئون ديرو ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره تقريب

پ پ اڳواڻ خورشيد جوڻيجو، منصور سومرو، نثار مراد ڀٽو، سيد ارشد شاهه راشدي ۽ ٻين جي شرڪت

سوين ڪارڪنن قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري خراج عقيدت پيش ڪيو

پارٽي اڳواڻن ۽ ورڪرن اسپتال مريضن جي عيادت ڪئي ۽ انهن ۾ لنگر جا پئڪيٽ تقسيم ڪيا

نئون ديرو (رپورٽ شاد محمود ڀٽو) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره اڄ پاڪستان پيپلز پارٽي پاران ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ ملهائي وئي، سالگره جي موقعي تي ڳڙهي خدابخش ڀٽو ۾ مزار پرسان قرآن خواني ڪئي وئي، قرآن خواني ۾ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جا اڳواڻ خورشيد جوڻيجو، منصور سومرو، نثار مراد ڀٽو سيد ارشد شاهه راشدي، محمد انور ٻرڙو، سرفراز ميرائي، /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 18

ٽنڊو الهيار ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو

ٽنڊوالهيار(رپورٽر) ٽنڊوالهيار ٻتاڻي هائوس تي ضلعي جنرل سيڪريٽري سردار ظهير عباس ٻتاڻي جي اڳواڻي ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي خوشي ملهائي وئي جنهن ۾ پاڪستان پيپلز پارٽي ضلع ٽنڊوالهيار جي ضلع جنرل سيڪريٽري محترم سردار ظهير عباس ٻتاڻي پاران قائد اعوام /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 21

نئون ديرو: شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره تقريب منعقد

نوشهروفيروز ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره تقريب، ڀيٽا پيش

پ پ ضلعي صدر فيروز احمد جمالي , يوٿ اڳواڻ غضنفر راڄپر , فاروق پنهور , ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

عبيد ميمڻ، احسان علي ميمڻ، نادر چانڊيو، مسڪين جروار، لالا شوڪت چانڊيو، رئيس خانزاده ۽ ٻيا پڻ موجود هئا

شهيد ذوالفقار ڀٽو عوامي ليڊر هو، سنڌس عظيم قربانين ۽ ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ سميت عوامي خدمت ڪئي : مقرر

نوشهروفيروز(رپورٽ منظور ملڪ) پيپلز يوٿ ضلعي نوشهروفيروز پاران قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره جو ڪيڪ جمالي هائوس نوشهروفيروز ۾ ڪاٽيو ويو جنهن ۾ پ پ ضلعي صدر فيروز احمد جمالي , يوٿ اڳواڻ غضنفر راڄپر , فاروق پنهور , ڊاڪٽر ڪاشف ميمڻ ۽ ٻين چيو ته قائد عوام شهيد ذوالفقار ڀٽو عوامي ليڊر هيو جنهن جي عظيم قربانين ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 22

سئي گئس جي صحافي منور علي ويسر جي والده جو ٽيجهو

ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ علامہ مولانہ حافظ ماجد علي قاسمي دعا گهري

ايڊووڪيٽ آصف راڄپر، عامر لنڊ، لالڻ ڪيهر ۽ ٻين پاران تعزيت ڪئي وئي

ٺري ميرواهه(رپورٽر) سئي گئس جي سينيئر صحافي منور علي ويسر جي والده ۽ صحافي عبدالحفيظ ويسر جي ڏاڏي جو ٽيجهو ٿي گذريو ٽيجهي جي تقريب ۾ مشهور نعت خوان شاهنواز خاصخيلي ، وقار قادري ، فقير ممتاز ويسر جن نعت شريف /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 04

نوشهرو فيروز سول اسپتال جي ڊسپينسر موسيٰ خان جي 49 هين سالگره تقريب

ڊاڪٽر عبدالغفار، صوبائي ميڊيا ڪوآڊينيٽر اعجاز مماڻي، اسٽاف نرس تنوير ملڪ ۽ ٻين جي شرڪت

شال زندگي ۾ اهڙيون خوشيون ملهائيندو رهي ۽ اهڙيون گڏجاڻيون ٿينديون رهن : موسيٰ خان

نوشهرو فيروز (رپورٽ منظور ملڪ) هيلٿ پروفيشنل پيراميڊڪس ايسوسيئيشن يونٽ سول اسپتال نوشهرو فيروز جي سينئر ڊسپينسر لالا موسيٰ خان جي 49 هين سالگره ملهائي وئي ان موقعي تي صوبائي ميڊيا ڪوآڊينيٽر اعجاز مماڻي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 05

نوشهرو فيروز: سول اسپتال جي ڊسپينسر موسيٰ خان جي سالگراهه جي موقعي تي ڪيڪ ڪاٽيو ويو

بدين ۾ قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره تقريب

شهيد ذوالفقار ڀٽو عوام کي بنيادي حق وٺڻ لاءِ زبان ڏني: ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڊرو

پنهنجي پارٽي جو منشور به عوامي رکيو سندس ئي جدوجهد سبب پاڪستان ائٽمي طاقت بڻيو

بدين(رپورٽ مرتضيٰ ميمڻ) قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 وين سالگره جي تقريب پ پ ليڊيز ونگ پاران مينڊرا هائوس تي منعقد ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 06

پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي: ساجد جوکيو

جڙون عوام ڪٽل آهن هو طاقت جو سرچشمو عوام کي تسليم ڪري ٿي

بلاول ڀٽو شهيد ذوالفقار ڀٽو جي مشين کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙي رهيو آهي

ڪراچي(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽي عوامي پارٽي آهي جنهن جون جڙون عوام ڪٽل آهن هو طاقت جو سرچشمو عوام کي تسليم ڪري ٿي ۽ هو جمهوريت تي يقين رکي ٿي اسان کي پنهنجي ليڊر بلاول ڀٽو زرداري تي فخر آهي جيڪو /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 08

ملير ۾ اي وي سي سي پوليس جي وڏي ڪارروائي

ڪارروائي دوران شهرين کي ڀنگ لاءِ اغوا ڪندڙن جو اهم اڳواڻ گرفتار

جوابدار ڪان ساٿين جي ڀڄا ڀڄ ڪئي پئي وڃي ڪين گرفتار ڪيو ويندو: پوليس

ڪراچي(رپورٽر) ملير ۾ اي وي سي سي پوليس جي وڏي ڪارروائي پوليس سان گڏ شهرين کي ڀنگ لاءِ اغوا ڪندڙن جو اهم اڳواڻ گرفتار / بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 10

ملير: اي وي سي سي پوليس جي وڏي ڪارروائين ۾ گرفتار ڪيل ملزم

مورو پوليس جون ڌوهارين خلاف ڪارروايون، موٽرسائيڪلن جا چوري ڪيل پارٽس هٿ

پوليس ڦر ۽ چوري ڪيل موٽرسائيڪلن جا پارٽس هڪ ڪاباڙ واري دڪان تان هٿ ڪرڻ جي دعويٰ ڪئي

شهرين جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ اسان پوليس جي اولين ترجيح آهي: ايس ايڇ او مورو

نوشهرو فيروز(رپورٽ منظور ملڪ) مورو شهر اندر وڌندڙ بدامني ڪانپوءِ امن امان جي صورتحال کي برقرار رکڻ لاءِ ايس ايس پي نوشهروفيروز پاران مقرر ڪيل ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر شهر جي مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪري مورو شهر مان ڦر /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 12

خانواهڻ پرسان غريب مسڪين ٻارڙن ۾ گرم سئيٽر ۽ جاڪيٽ تقسيم

تحريڪ لبيڪ پاڪستان ملڪ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ غريبن ۽ مسڪينن جي سار لڌي آهي: اڳواڻ

اسان جي تحريڪ ۽ اسان جا اڳواڻ هر جاءِ تي هر وقت بهترين ڪم ڪندي نظر اچن ٿا: ڳالهيون

خانواهڻ (رپورٽ : عاجز امتياز نوح پوٽو) خانواهڻ لڳ ديهات ۾ تحريڪ لبيڪ پاڪستان يوسي ديهات ناظم اعليٰ سيد خادم حسين شاهه مدرسہ غوثيہ قادريہ درگاهه محسن شاهه ديهات جي غريب مسڪين ٻارڙن ۾ سردين جي حوالي سان گرم سئيٽر ۽ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 15

خانواهڻ: غريب ٻارڙن ۾ گرم سئيٽر ۽ جاڪيٽ تقسيم ڪيا ويا

ٺٽي عورت فائونڊيشن ۽ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ پاران ورڪشاپ

پي ٽي آئي ليبر ونگ سنڌ جي اڳواڻ جاويد لطيف ميمڻ ۽ ٻين اڳواڻن جي شرڪت

عورتون پڻ سياسي ميدان ۾ بغير ڪنهن جي اڳيان اچي سگهن ٿيون: اڳواڻ

ٺٽو(جاويد ميمڻ) عورت فائونڊيشن ۽ سائوٿ ايشيا پارٽنرشپ پاران مڪلي تي ٻن ڏينهن لاءِ جمهوريت ۽ سياست تي ٻن ڏينهن جو ورڪشاپ مقرر ڪيو ويو جنهن ۾ مختلف سياسي ۽ سماجي تنظيمن جنهن ۾ پي ٽي آئي ليبر ونگ سنڌ جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 17

دودو ورسٽي ڪانفرنس 8 فيبروري تي ٿيندي: علي حسن سومرو

سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين کي دودو سومرو يونيورسٽي جي نالي سان اپگريڊ ڪرڻ هو

ڪانفرنس کي هڪ مهيني لاءِ پوئتي ڪيو ويو آهي، ڪانفرنس 8 فيبروري تي ٿيندي

شڪارپور (عبدالخالق سومرو) دودو ورسٽي ڪانفرنس 8 فيبروري تي ٿيندي/ علي حسن سومرو جي پريس ڪانفرنس، خبر موجب: دودو ويلي ايجوڪيشن جي سي اي او علي حسن سومرو شڪارپور پريس ڪلب پهچي پريس ڪانفرنس /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 19

دڙو پرسان ساس سنڌ جي نئين چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻو

مرڪزي اڳواڻ عرس اوٺو جي ڪتاب ساڃهہ سنڌي سڪ جي مهورت پڻ ڪئي وئي

ساس کي ٽوڙهي نه ٿو سگهجي فڪر جي ايم سيد ۽ فڪر پليجو اڄ به زنده آهي: اڳواڻ

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙي ويجهو ڳوٺ اوٺا ۾ سنڌي ادبي سنگت شاخ اوٺا ۽ سگا شاخ دڙو پاران سنڌي ادبي سنگت جي نون چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻي ۽ نوجوان شاعر محمد عرس اوٺوجي شاعري مجموعي ساڃهہ سنڌي سڪ /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 20

دڙو: ساس سنڌ جي نئين چونڊيل عهديدارن جي مان ۾ آجياڻي جي تقريب منعقد

ميرپور ماٿيلو سميت گهوٽڪي ضلعي ۾ هٿرادو اٽي جي بحران تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو

قومي امن ڪاميٽي جا اڳواڻ سرگرم، قومي امن ڪاميٽي جي اڳواڻن جي وفد جي اي ڊي سي ٽو ماجد شيخ سان ملاقات

مطالبن جي لسٽ پيش، مطالبا حل ڪري عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي اپيل ٻي صورت ۾ احتجاج جو چتاءُ

سنڌ جي ٻين ضلعن جيان گهوٽڪي ضلعي ۾ هلندڙ اٽي جي بحران تي ضابطو نه اچي سگهيو آهي: اڳواڻ

ميرپورماٿيلو (رپورٽر) ميرپور ماٿيلو سميت گهوٽڪي ضلعي ۾ هٿرادو اٽي جي بحران تي ڪنٽرول نه ٿي سگهيو، قومي امن ڪاميٽي ضلع گهوٽڪي جا اڳواڻ سرگرم، قومي امن ڪاميٽي جي اڳواڻن جي وفد جي اي ڊي سي ٽو ماجد شيخ سان ملاقات /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 33

پ پ غريب مسڪين ماڻهن جي پارٽي آهي : ڊاڪٽر نفيسہ شاهه

درليتپور صفن(رپورٽر) پاڪستان پيپلز پارٽيءَ جي مرڪزي اڳواڻ ايم اين اي ڊاڪٽر سيد نفيسا شاهه تعلقا خيرپور يونين ڪائونسل گهوجي مختلف ڳوٺن ۾ پهچي تعزيت ڪئي ۽ مختلف علائقن ۾ دعوت ۾ شرڪت ڪئي ۽ مسئلا معلوم ڪيا، ميڊيا سان ڳالهائيندي ايم اين اي ڊاڪٽر سيد نفيسا شاهه چيو ته پاڪستان پيپلز پارٽي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 32

ٺٽو: گرلز بيڊ منٽن جو فائنل شاگردياڻي مهڪ کٽي ورتو تحفا ڏنا پيا وڃن

ٺٽي ۾ گرلز بيڊ منٽن جو فائنل شاگردياڻي مهڪ کٽي ورتو

اسڪولن ۾ راندين جي فروغ لاءِ صحتمند سرگرمين جا مقابلا ضروري آهن: حضور بخش خاصخيلي

نوجوانن کي راندين ڏانهن راغب ڪري منشيات سميت ٻين سماجي برائين کان پري رهڻ جو پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا

ٺٽو(جاويد ميمڻ) انٽر اسڪول اسپورٽس ٽورنامينٽ 2023ء ٺٽوجي سلسلي ۾ ٿيندڙ گرلز بيڊ منٽن جو فائنل گورنمينٽ گرلز ڪيمپس اسڪول ٺٽوجي شاگردياڻي مهڪ کٽي ورتو انعام ورهائڻ واري تقريب کي مهمانن خطاب ڪندي چيو اسڪولن ۾ راندين جي فروغ لاءِ صحت مند سرگرمين جا مقابلا ضروري آهن ٽورنامينٽ جو مقصد نوجوانن کي پنهنجي صلاحيتن /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 31

دادو ۾ ڊاڪٽر پروين رند کي انصاف نه ملي سگهيو، چوٿين ڏينهن به احتجاج جاري

ايس پي آفيس وڃڻ لاءِ گهران نڪتس ته هٿياربندن روڪي موتمار ڌمڪيون ڏنيون: ڊاڪٽر پروين رند

جيسيتائين جوابدار گرفتار نه ٿيندا اسان احتجاج ختم نه ڪنداسين، ڪير به منهنجي دانهن ٻڌڻ وارو ناهي

دادو پوليس وومين سيل جي انچارج بينظير جمالي اسان جي مخالفن ڪان پيسا ورتا آهن، انصاف ڏياريو وڃي

دادو(ن سنڌيار) دادو ۾ پيپلز ميڊيڪل يونيورسٽي نوابشاهه جي شاگردياڻي ڊاڪٽر پروين رند تحفظ نه ملڻ ۽ جوابدارن جي گرفتاري لاءِ دادو پريس ڪلب آڏو چوٿين ڏينهن به پنهنجي علامتي بک هڙتال جاري رکي ڊاڪٽر پروين رند سندس چاچي علي نواز رند صحافين آڏو دانهيو ته 3 ڏينهن اڳ تحفظ لاءِ دادو جي ايس ايس پي آفيس وڃڻ لاءِ گهران نڪتس ته هٿياربندن روڪي موتمار ڌمڪيون /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 30

دادو: ڊاڪٽر پروين رند احتجاج دوران صحافين سان ڳالهائيندي

ڪاچي ۾ مختلف بيمارين کان بچاءِ لاءِ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي

فريدآباد(رپورٽر) ڪاچي ۾ مختلف بيمارين کان بچاءَ لاءِ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي . ڪاچي جي تيل گئس ڪمپني (يو اي پي) جي تعاون سان تيل گئس ڪمپني جي انچارج غلام محمد جوڻيجو جي نگراني ۾ ڳوٺ ڀنيا ڏيرا ۾ ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي جنهن ۾ آغا خان اسپتال ڪراچي جي ماهر ڊاڪٽرن ڊاڪٽر نريش /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 29

بدين ۾ مهانگائي بجلي، گيس جي لوڊشيڊنگ ۽ سهولتن جي کوٽ خلاف احتجاجي مظاهرو

روڊن ۽ گهٽين جي خراب حالت پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي جي کوٽ بدامني حددخلين جي آزار خلاف احتجاج ڪيو ويو

گذريل 7 سالن کان بلديه ۾ سيمينٽ ڪم نه ٿيو آهي، روڊرستا ٽٽل گهٽيون ۽ گٽر ڀرجڻ سبب ٿي چڪا آهي: اڳواڻ

عام واهپي جي شين جا اگهه حيدرآباد ڪراچي لاهور اسلام آباد جهڙن شهرن کان به مٿي آهن، نوٽيس ورتو وڃي: مطالبو

بدين(رپورٽ: مرتضيٰ ميمڻ) بدين شهر ۾ مهانگائي بجلي گيس جي لوڊشيڊنگ سهولتن جي اڻ هوند ۽ انتظامي نااهلي خلاف سول سوسائٽي ۽ نوجوانن جو احتجاج تفصيل موجب بدين شهر ۾ هٿرادو مهانگائي بجلي گيس جي لوڊشيڊنگ گندگي روڊن ۽ گهٽين جي خراب حالت پيئڻ جي صاف پاڻي جي فراهمي جي کوٽ بدامني حددخلين جي آزار خلاف سول سوسائٽي جي نوجوانن طرفان روشن قاضي جاويد ڪوري آفتاب شر سومار ملاح جي اڳواڻي ۾ پريس ڪلب اڳيان احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو جنهن کي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 28

آزاد منصفاڻو ۽ غيرجانبدار بلدياتي اليڪشن جون سموريون تياريون مڪمل آهن: ڊي سي بدين

15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن جي تيارين بابت ڊي آر او ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان صدارت ۾ گڏجاڻي ٿي

انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن تي رينجرز جي نفري ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرا پڻ نصب ڪيا ويندا: آغا شاهنواز خان

صحت کاتي جي ملازم ڪان پولنگ اسٽيشن تي ڊيوٽي نه ورتي وڃي سندس جاءِ تي نون ڀرتي ٿيل استادن کي مقرر ڪيو وڃي

بدين (رپورٽ مرتضي ميمڻ) آزاد منصفاڻو ۽ غيرجانبدار بلدياتي اليڪشن جون سموريون تياريون مڪمل آهن اهڙن خيالن جو اظهار ڊي آر او ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان دربار هال ۾ 15 جنوري تي ٿيندڙ بلدياتي اليڪشن جي تياري جي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 27

بدين: ڊپٽي ڪمشنر آغا شاهنواز خان صدارت ۾ گڏجاڻي منعقد

قاضي احمد ۾ گستا اڳواڻ جي مان ۾ آجياڻو

قاضي احمد(رپورٽر) گستا تعلقي قاضي احمد جي چونڊيل صدر ولي محمد ڪوسو ۽ چونڊيل ضلع ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري نسيم احمد بالادي جي مان ۾ گورنمينٽ بوائز پرائمري اسڪول آفتاب ڪالوني قاضي احمد جي هيڊ ماستر استاد سبحان علي بالادي استاد آفتاب راهو استاد شعبان بالادي پاران آجياڻو ڏنو ويو تقريب ۾ ب /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 26

ٺٽي ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 سالگره ملهائي وئي

سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو، اڳواڻن ذوالفقار ڀٽو جي زندگي تي روشني وڌي

پير بخش سمون، علي اڪبر ڀٽو، ارباب جان علي سمون، غلام مصطفيٰ ڀٽو ۽ ٻين جي شرڪت

ٺٽو(د ر) پاڪستان پيپلز پارٽي (شهيد ڀٽو ٺٽي ضلعي پاران ٺٽي شهر ۾ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 سالگره ملهائي وئي، جنهن جي صدارت امير علي جوکيو ڪئي، انهي موقعي تي سالگره جو ڪيڪ پڻ ڪٽيو ويو انهي موقعي تي اڳواڻن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي زندگي تي روشني وڌي، جڏهن ته سالگره جي تقريب ۾ پير بخش سمون، علي اڪبر ڀٽو، ارباب جان علي سمون، غلام مصطفيٰ ڀٽو، محمد قاسم بروهي، ذوالفقار علي شيخ، يار محمد سمون، عبدالرزاق ملاح، محمد ايوب خانيو سميت ٻين ڪارڪنن شرڪت ڪئي.

دڙو پرسان درگاهه حضرت سيد شاهه نوح شاهه بخاري رح جو ميلو پڄاڻي تي پهتو

ميلي ۾ پريس ڪلب دڙو جي صحافين سميت علائقي جي معززين راڄن جي چڱن مڙسن ۽ عقيدتمندن جي شرڪت

ميلي دوران ڏڱن، گهوڙن ۽ سهي ڪتي جي ريس، ملهه ملاڪڙو، سنڌ ۽ بلوچستان جي ناليوارن ملهه پهلوانن حصو ورتو

درگاهه حضرت شاهه نوح شاهه بخاري رحہ ميلي جو افتتاح پ پ اڳواڻ سيد باشاهه شاهه شيرازي درگاهه تي چادر چاڙهي ڪيو هو

دڙو (رپورٽ: شوڪت ميمڻ) دڙو لڳ درگاهه حضرت سيد شاهه نوح شاهه بخاري رح جو ميلو پڄاڻي تي پهتو، ڏڱن، گهوڙن ۽ سهي ڪتي جي ريس، ملهه ملاڪڙو، سنڌ ۽ بلوچستان جي ناليوارن ملهه پهلوانن حصو ورتو، دڙو لڳ درگاهه حضرت شاهه نوح شاهه بخاري جو ساليانو عرس جي موقعي تي ميلو رئيس اڪبر خان مگسي، بجار امان الله خان مگسي، رفيق احمد مگسي، شير محمد خان /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 25

دڙو پرسان درگاهه حضرت سيد شاهه نوح شاهه بخاري رح جو ميلي جو ڏيک

قاضي احمد ۾ امن جو پڪي اڏامي ويو، چورين ڦورن روز جو معمول بڻيل

قاضي احمد(رپورٽر) قاضي احمد ۾ امن جو پکي اڏامي ويو چورين ڦورن روز جو معمول بڻجي ويون آهن پوليس چورن خلاف ڪا به اثرائتي ڪاروائي نه ڪئي. ڌوهارين کي چوٽ مليل تفصيل موجب اڻڄاتل چاپي چور قاضي احمد نازمحل هوٽل پرسان خانگي ڪلينڪ اڳيان الهيرتو زرداري جي سي ڊي موٽرسائيڪل ڪاهي فرار ٿي /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 24

سجاول ۾ پ پ جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره تقريب، ڀيٽا پيش

تقريب ۾ رئيس محمد علي خان ملڪاڻي، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانہ لغاري، ارباب ڪامران ميمڻ ۽ ٻين جي شرڪت

شهيد ذوالفقار علي ڀٽو دنيا جو وڏو ۽ عظيم ليڊر هو. شهيد ذوالفقار علي ڀٽو دنيا جو واحد مسلمان ليڊر هو: ريحانہ لغاري

عوام اڄ به ذوالفقار علي ڀٽو سان محبت ڪري ٿو، اڄ به اسان جي دلين ۾ زنده آهي، بلاول ڀٽو جي قيادت ۾ مضبوط پارٽي آهي

سجاول (د ر) قائد عوام فخر ايشيا ۽ پاڪستان پيپلزپارٽي جي باني شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره پاڪستان پيپلز پارٽي ضلعي پاران پارٽي آفيس سجاول ۾ ملهائي وئي، اڳواڻ طرفان سالگره جو ڪيڪ ڪاٽي تقريب منعقد ڪئي وئي تقريب ۾ ضلع سجاول جو صدر رئيس محمد علي خان ملڪاڻي، ڊپٽي اسپيڪر سنڌ ريحانہ لغاري، ارباب ڪامران /بقايا پڙهو صفحو 3 نمبر 23

*** روزاني سنڌيار سکر پبلشر اي حسين، سم پرنٽنگ پريس بي آر آر ٽاور چندريگر روڊ ڪراچي مان ڇپرائي سکر آفيس گهر نمبر سي 92، دهلي مسلم هائوسنگ سوسائٽي ايئرپورٽ روڊ سکر مان پڌري ڪئي وئي***

روزاني
سنڌيار
ايڊيٽر: اعجاز مهر
Daily SINDHYAR
www.dailysindhyar.com
جمعو 06 جنوري 2023ع

يونيورسٽين جو مالي بار رڳو شاگردن تي ڇو؟

سنڌ جون يونيورسٽيون گهڻي وقت کان وڏي مالي بحران جو شڪار آهن جنهن ڪري انهن ۾ ڪيترائي مسئلا پيدا ٿي رهيا آهن پر انهي مالي بحران جي ڪري جيڪو سڀ کان وڏو مسئلو آهي اهو شاگردن تي پوندڙ اهو مالي بار آهي جيڪو ڪڏهن سيمسٽر فيس ۾ واڌ ته ڪڏهن ٻين نالن سان وڌايو وڃي ٿو. [illegible] وڌيڪ غريب شاگرد [illegible] سوين هزارين شاگرد اها اعليٰ تعليم جاري رکڻ بدران واپس گهرن ڏانهن روانا ٿي وڃن ٿا. سنڌ جون يونيورسٽيون مالي بحران جو شڪار ته آهن پر انهي بحران جو ڪو حل ڪرڻ لاءِ [illegible] جيڪو مالي بحران جو حل آهي. [illegible] شاگردن کي نقصان وڌيڪ ٿئي ٿو، ڇاڪاڻ ته يونيورسٽين جي مالي بحران جا جيڪي اصل سبب آهن انهن تي سوچيو به نٿو وڃي.

تعليم جڏهن کان بزنس جي صورت اختيار ڪئي آهي يا خانگي ادارا وڌيڪ کليا آهن تڏهن کان عام ۽ غريب شاگردن لاءِ جتي اعليٰ تعليم جا دروازا بند ٿي رهيا آهن اتي سرڪاري ۽ پبلڪ سيڪٽر يونيورسٽيون ئي آهن جتي اهي غريب شاگرد پنهنجي اعليٰ تعليم جو خواب پورو ڪري سگهن ٿا [illegible] ٻي پي ٽي آءِ جي حڪومت ۽ هائير ايجوڪيشن ڪميشن [illegible] 18 ترميم کان پوءِ صوبائي هائير ايجوڪيشن ڪميشن قائم ڪرڻ باوجود [illegible] يونيورسٽين کي فنڊ [illegible] 30 سيڪڙو [illegible] ڪرڻ بدران [illegible]

[illegible]

اسان سمجهون ٿا ته يونيورسٽين کي مالي بحران مان ڪڍڻ جي اها وات قطعي درست ناهي ته ڪو شاگردن جي سرٽيفڪيشن جي قيمت 30 سيڪڙو وڌائي وڃي يا حاصل ڪيل ته انهن لاءِ ماني مهانگي ڪئي وڃي. يونيورسٽين کي مالي بحران مان ڪڍڻ جيڪڏهن انهن جي ايڏهاڪ ازم کي ختم ڪيو وڃي ۽ بدران مستقل بنيادن تي فيصلا ڪيا وڃن غير ضروري سياسي مصلحت تحت ڀرتيون بند ڪيون وڃن ۽ وڏي پئماني تي ملندڙ مراعتون ان انتظاميا کي هجن استادن کي يا ملازمن کي انهن کي ڪٽ ڪيو وڃي. يا وري سنڌ سرڪار انهن جي گرانٽ ۾ اضافو ڪري ته هي صورتحال غريب شاگردن لاءِ جيڪا تعليم پرائڻ جي ٿوري گهڻي سهولت پبلڪ يونيورسٽين ۾ آهي اها به ڪسجي ويندي.

جس دهج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا!

شرجيل انعام ميمڻ

اڄ شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جو 95 هون جنم ڏينهن آهي. 5 جنوري 1928ع تي سرشاهنواز خان ڀٽو جي گهر ۾ سون جو چمچو ڪٺي جنم وٺندڙ شهيد ڀٽو 4 اپريل 1979ع تي پاڪستان جي غريب عوام لاءِ پنهنجي سڀ کان وڏي ميراث جان قربان ڪري ڇڏي. اهوئي سبب آهي جو هو نه رڳو هن خطي جو پر سموري عالمي انساني تاريخ جو هڪ لازوال ۽ لافاني ڪردار بڻجي چڪو آهي. شاهي خاندان ۾ اکيون کوليندڙ شهيد ڀٽو جو سياسي فلسفو هو ته "ننگي پير عوام جي نقش قدم تي هلو ته اوهان ڪڏهن به نه لڏندؤ "هڪ تمام امير خاندان جي ميمبر غريبن لاءِ پنهنجي جان خطري ۾ وجهڻ جو سوچيو ڇو؟ ان جو سبب شهيد ڀٽو پاڻ بيان ڪري ٿو. ڊيٿ سيل مان شهيد ڀٽو پنهنجي ڌيءَ شهيد محترمه بينظير ڀٽو کي هڪ خط لکيو، جيڪو "منهنجي سڀ کان پياري ڌيءَ" جي عنوان سان ڪتابي صورت ۾ شايع ٿيو آهي. هو هن خط ۾ پنهنجي ڌيءَ کي مخاطب ٿيندي لکي ٿو ته "تنهنجي ڏاڏي مون کي فخر سان سياست سيکاري ۽ تنهنجي ڏاڏي مونکي غربت جي سياست سيکاري. مان انهن ٻنهي کي مضبوطيءَ سان پڪڙي رکيو آهي ته جيئن انهن ٻنهين کي ملائي سگهان. پياري ڌيءَ! آءٌ توکي صرف هڪ پيغام ڏيان ٿو. هي پيغام ايندڙ ڏينهن جو پيغام ۽ تاريخ جو پيغام آهي. فقط عوام تي يقين رک. انهن جي نجات ۽ برابري لاءِ ڪم ڪر. الله پاڪ جي جنت تنهنجي ماءُ جي پيرن هيٺان آهي ۽ سياست جي جنت عوام جي پيرن هيٺان آهي. شهيد ڀٽو ننڍپڻ کان ئي ذهين هو. آڪسفورڊ ۽ هارورڊ يونيورسٽين جهڙين دانش گاهن مان تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ جڏهن وطن واپس پهتو ته هو دنيا جي سياسي حلقن ۾ هڪ عظيم سياسي دانشور طور پنهنجو پاڻ کي مڃرائي چڪو هو. فيلڊ مارشل ايوب خان کي جڏهن سنڌس بابت پتو ته کيس پنهنجي ڪابينا ۾ شامل ڪري صنعت جو وزير بڻايو. هو 30 سالن جي عمر ۾ ڪابينا جو سڀ کان ننڍي عمر وارو وزير هو. وفاقي ڪابينا جي ميمبر جي حيثيت سان شهيد ڀٽو پنهنجي ڀرپور صلاحيت جو مظاهرو ڪيو ۽ صرف 4 سالن جي عرصي ۾ يعني 34 سالن جي عمر ۾ پاڪستان جو پرڏيهي وزير بڻجي ويو. اڄ به ڪجهه سطحي سوچ رکندڙ حلقا انهيءَ بيوقوفيءَ واري منطق جو سهارو وٺندي چون ٿا ته شهيد ڀٽو پنهنجي سياست جي شروعات هڪ فوجي ڊڪٽيٽر جي ڪابينا ۾ شامل ٿي ڪئي ان ڪري هو اسٽيبلشمينٽ جي پيداوار آهي. اهي حلقا تاريخ کان واقف ناهن. حقيقت اها آهي ته ان وقت ڪا به جمهوري حڪومت نه هئي ۽ آمريتي حڪومت پاڪستان کي دلدل ۾ ڌڪي رهي هئي. پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي آزاد نه هئي ۽ ان جو بنيادي مقصد خطي ۾ صرف آمريڪي مفادن

جي خدمت ڪرڻ هو. شهيد ڀٽو به ايوبي ڪابينا ۾ وزير جي حيثيت سان پنهنجي ويزن تي ڪم ڪيو ۽ پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي کي هڪ طرفي سوچ مان ڪڍي هڪ آزاد پرڏيهي پاليسي جو بنياد رکيو. ذوالفقار علي ڀٽي پهريون ڀيرو چين ۽ روس سان لاڳاپا قائم ڪيا ۽ انهن سان مختلف معاهدا ڪيا. اها پرڏيهي پاليسي ۾ وڏي تبديلي هئي. شهيد ڀٽو ايران ۽ ترڪي سان پاڪستان جا لاڳاپا مضبوط ڪيا ۽ انهن سان گڏجي "ريجنل ڪوآپريشن فار ڊولپمينٽ" (RCD) نالي هڪ تنظيم قائم ڪئي. اها پاڪستان جي پرڏيهي پاليسي جي هڪ ٻي وڏي ڪاميابي هئي. شهيد ڀٽو "غير اتحادي تحريڪ" کي به منظم ڪيو ۽ علائقائي بلاڪ ٺاهڻ لاءِ ڪم ڪيو. جڏهن ايوب خان ۽ سندس عالمي آقان کي اهو احساس ٿيو ته شهيد ڀٽو پاڪستان کي ڪنهن ٻئي طرف وٺي وڃي رهيو آهي ته ايوب خان شهيد ڀٽو کي پنهنجي ڪابينا مان برطرف ڪري ڇڏيو. ان وقت شهيد ڀٽو ايشيا، آفريڪا ۽ لاطيني آمريڪا جي ٽئين دنيا جي قومن جو رهبر بڻجي چڪو هو. انهن قومن اهو محسوس ٿي چڪو هو ته ڀٽو صاحب هڪ سامراج مخالف، عوام دوست ۽ قومن جي آزادي ڏياريندڙ اڳواڻ آهي. برطانيه جي عظيم سياسي دانشور برٽريند رسل شهيد ڀٽو کي ايوب ڪابينا مان هٽائڻ تي ٽئين قومن جي سيڪريٽري جنرل ۽ ٻين ڪيترن ئي عالمي اڳواڻن کي احتجاجي خط لکيا. جن ۾ چيو ويو ته ڀٽو هڪ عظيم قومپرست سياسي اڳواڻ آهي. اهي ٽئين دنيا جي قومن جو آواز آهي. هن جي برطرف سامراجي منصوبابندي آهي، پر اهڙن اڳواڻن جو رستو هاڻي روڪي نٿو سگهجي. پاڪستان جي عوام کي به احساس ٿيو ته ذوالفقار علي ڀٽو اهو اڳواڻ هو جنهن کين ۽ ملڪ کي حقيقي آزادي ۽ خودمختياري ڏني. ڀٽو صاحب جڏهن عوام وٽ پهتو ته عوام سندس ڀرپور ساٿ ڏنو. شهيد ڀٽو هاڻي پنهنجي سياسي مقصدن کي حاصل ڪرڻ لاءِ جمهوريت جو رستو اختيار ڪيو ۽ پاڪستان ۾ هڪ وڏي جمهوري تحريڪ هلائي. ان دوران هن 30 نومبر 1967ع تي پاڪستان پيپلز پارٽي جو بنياد رکيو. جيڪا جلد ئي پاڪستان جي مقبول ترين سياسي پارٽي بڻجي وئي. جڏهن پاڪستان آمرانه حڪومتن جي غلط پاليسين سبب تباهيءَ جو شڪار ٿيو ۽ سقوط ڍاڪا جو سانحو پيش آيو ته پاڪستان کي هڪ ڀيرو ٻيهر شهيد ڀٽو جي ضرورت پئي. شهيد ڀٽو پنهنجي ڌيءَ شهيد محترمه بينظير ڀٽو جي نالي لکيل پنهنجي خط ۾ وڌيڪ لکي ٿو ته "مان ان وقت گڏيل قومن ۾ هئس ۽ هڪ ناممڪن صورتحال کي بچائڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪري رهيو هوس. جنرل يحيٰ خان ٽيل تباهيءَ جو جائزو ورتو ۽ کيس شڪست جو پورو يقين ٿي ويو ۽ اهو امڪان پيدا ٿي ويو ته

ڪجهه به واپس نه ٿي سگهندو. جيڪو ٿورو بچيو آهي سو به خطري ۾ آهي. سو هن هڪ خاص جهاز موڪليو ۽ مون کي واپس پاڪستان اچڻ جي دعوت ڏني. 20 ڊسمبر 1971ع تي هن مون کي چيو ته هو بري طرح ناڪام ٿي چڪو آهي ۽ مون کي شڪست کاڌل پاڪستان جي چارج وٺڻ گهرجي. اهو انڪري جو مون ۾ ئي باقي ملڪ کي بچائڻ جي صلاحيت آهي. انهن ناسازگار حالتن ۾ مون سوائين بارهين وڳي پاڪستان جي صدر جي حيثيت سان حلف کنيو. هو اڳتي لکي ٿو ته "مون تمام محاذن تي وڏي سرگرميءَ سان اڳڀرائي ڪئي. مون اتفاق راءِ سان آئين جي منظوري لاءِ ڪم شروع ڪيو ته جيئن پريشان ڪندڙ صوبائي خودمختياري جي سوال تي جمهوري اتفاق راءِ سان آئين پاس ڪيو وڃي. مون اقتصاديات کي گڏ ڪيو. مون اهم سماجي ۽ معاشي سڌارا ڪيا. مون بنگلاديش جو مسئلو حل ڪيو. مون هندستان سان شملا معاهدو ڪيو. جنهن ۾ ڪا به راز واري شق نه هئي. ۽ سنڌ ۽ پنجاب جي 5000 چورس ميلن کان وڌيڪ ايراضي پاڪستان لاءِ واپس وٺي ڇڏيم. مون 90 هزار جنگي قيدين کي عزت سان واپس آندا ۽ انهن تي جنگي ڪيس به نه ٿيا. مون لاهور ۾ اسلامي سربراهي اجلاس منعقد ڪيو. مون آمريڪا طرفان هٿيارن جي فراهمي تي لاڳو پابندي ختم ڪرائي. مون هٿياربند فوجن کي جديد بڻايو. مون ملڪ کي واپس رستي تي آندو. ملڪ جي بحالي حيرت انگيز هئي. مون کي سڀ کان وڏي اطمينان ان ڳالهه جو آهي ته مون جمهوري طريقي سان ملڪ کي آئين ڏنو "اڄ به پاڪستان کي شهيد ڀٽو جي ضرورت آهي. پاڪستان سمورن بحرانن مان تڏهن ئي نڪري سگهي ٿو جڏهن شهيد ڀٽو جي آزاد ۽ غير جانبداري واري پاليسي تي عمل ڪيو وڃي. اها پرڏيهي پاليسي آمريڪا، روس، چين سميت دنيا جي سڀني طاقتن سان ٽڪراءَ کان بچڻ ۽ انهن سان دوستاڻا لاڳاپا قائم ڪرڻ آهي. هي پرڏيهي پاليسي سمورن پاڙيسرين سان گڏيل عملن تي ٻڌل آهي. هي پرڏيهي پاليسي سڄي دنيا ۾ جمهوريت ۽ آزاديءَ جي تحريڪن جي حمايت ڪرڻ آهي. سندن اندروني پاليسي عوام جي ڀلائي، خوشحالي ۽ انصاف لاءِ ڪم ڪرڻ آهي. محترمه بينظير ڀٽو ۽ پيپلز پارٽي جي هزارين ڪارڪنن شهيد ڀٽو جي ان ئي ويزن تي عمل ڪندي پنهنجون جانيون قربان ڪيون. اڄ به پيپلز پارٽي جي قيادت ۽ ڪارڪن ان ئي ويزن تي ڪم ڪري رهيا آهن ۽ اڄ به ان عزم کي ورجائين ٿا ته هو ڪنهن به قربانيءَ کان پٺتي نه هٽندا.

جس دهج سي ڪوئي مقتل ۾ گيا
وه شام سالامت رهتي هي
يه جان تو آني جاني هي
اس جان ڪي تو ڪوئي بات نهين

ڪُوئي ڪُهي سُپرِين، ڪُوئي ڪُهڻَ سانُ؛
نيزي هيٺان نِينهَن جي، پاسي ڪرم پانُ؛
جُلَ، وِڃائي جانُ، عاشِقَ! اَجَلَ سامهُون.

اياز ميلو ۽ شڪيلا نون جي گائيڪي جو رنگ

دولت رام ڪٽري

حڪمران اتحاد ۾ اختلاف سامهون اچي رهيا آهن ايم ڪيو ايم جون حڪومت خاص طور تي پيپلزپارٽي سان ناراضگيون وڌي رهيون آهن ايم ڪيو ايم جي شڪايتن کي حل ڪرڻ لاءِ سنجيده ڪوششون نه ورتيون ويون ته وفاقي حڪومت کي قائم رکڻ جو عمل مشڪل ٿي سگهي ٿو ايم ڪيو ايم وفاقي حڪومت جي ڪمزور صورتحال ۽ تحريڪ انصاف جي جلد چونڊون ڪرائڻ لاءِ پيل دباءَ جو فائدو وٺڻ گهري ٿي. ايم ڪيو ايم چاهي ٿي ته ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزنن جي ضلعن ۾ ٻئي مرحلي ۾ ٿيندڙ چونڊون لاءِ نئين سر تڪبندي ڪئي وڃي جنهن جو هڪ مطلب ته ايم ڪيو ايم پنهنجي مرضي جون تڪبنديون ڪرائڻ جي خواهشمند آهي پيو ته نئين سر تڪبندين ڪرڻ جو مطلب ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ رٿيل بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرائڻ آهي. جيڪڏهن چونڊون ملتوي ڪرائڻ جي ڪوشش ڪئي وئي ته اهو معاملو عدالت ۾ وڃي سگهي ٿو. بلدياتي چونڊون ملتوي ڪرڻ واري معاملي تي اليڪشن ڪميشن به بظاهر طور تيار نه آهي ته اسلام آباد هاءِ ڪورٽ جي فيصلي سان واضح ٿي رهيو آهي ته عدالت به بنا سبب جي بلدياتي چونڊون ملتوي نه ڪندي ان ڪري جيڪڏهن ڪراچي ۽ حيدرآباد ڊويزن ۾ بلدياتي چونڊون هنن تڪبندين تي ٿين ٿيون ۽ ايم ڪيو ايم جي مطلب جا نتيجا نٿا اچن ته ان جو سياسي نقصان پهچڻ ته ايم ڪيو ايم موجوده وفاقي حڪومت کي به نقصان پهچائڻ جهڙو فيصلو ڪري سگهي ٿي. هن وقت ڏسجي ته وقت کان اڳ عام چونڊون ٿيڻ جو عمل نه رڳو ن ليگ جي سياسي مقصدن لاءِ نقصانڪار آهي پر اوترو ئي نقصانڪار پيپلزپارٽي لاءِ به آهي ڇو ته آيل ٻوڏ ۾ ملڪ اندر جيڪا به تباهي ٿي آهي ان نقصان مان 70 سيڪڙو نقصان رڳو سنڌ ۾ ٿيو آهي. سنڌ ۾ ٻوڏ متاثر علائقن مان اڃان اهڙا به علائقا آهن جتي اڃان تائين پاڻي بيٺل آهي جتان پاڻي نڪتو به آهي اتي ٻوڏ متاثرن جي واهر نه ٿي سگهي آهي. ريسڪيو ۽ رليف ۾ جيڪي ڪوتاهيون ٿيون آهن انهن ڪري ماڻهو پيپلزپارٽي جي حڪومت تي اڳ ئي ناراض آهن ان صورتحال ۾ بنا بحالي جي ڪم جي جيڪڏهن ملڪ اندر عام چونڊون ٿين ٿيون ته ان ۾ پيپلزپارٽي لاءِ خاص طور تي سنڌ جي ووٽرن کي منهن ڏيڻ ۽ انهن جون شڪايتون ختم ڪرڻ مشڪل عمل ٿي سگهي ٿو اهوئي سبب آهي ته رڳو ن ليگ پر پيپلزپارٽي جي به سياسي مفادن لاءِ ضروري آهي ته اسيمبليون مدت پوري ڪن باقي اهو ڌار معاملو آهي ته چونڊون وقت تي ٿينديون يا وقت کان اڳ انهي ماملي تي ئي ملڪ اندر سياسي ڌماچوڪڙي هلي رهي آهي انهي ماملي ڪري ئي پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبلين کي ٽوڙڻ جي حڪمت عملي تي ڪم ٿي رهيو آهي وقت کان اڳ چونڊون ڪرائڻ لاءِ ٿي عمران خان عوامي جدوجهد جون تياريون ڪري رهيو آهي پر هاڻي اهو واضح ٿي ويو آهي ته جيڪڏهن اسيمبليون مدت پوري ڪن ٿيون ته نومبر ۾ عام چونڊون ٿينديون جيڪڏهن جنوري بعد عمران خان عام چونڊون ڪرائڻ جو ماحول ٺاهڻ ۾ ڪامياب نه ٿي وڃي ته پوءِ وڌ ۾ وڌ ڪان ست مهينا اڳ ئي چونڊ ممڪن ٿي سگهي ٿي پر ان هوندي به عمران خان جلد چونڊ ڪرائڻ واري مطالبي کي بنياد بڻائي سياسي سرگرميون جاري رکندو ڇو ته ان سان سندس پارٽي متحرڪ رهندي ۽ حڪومت کي سڪون سان ڪم ڪرڻ جو موقعو نه ملي سگهندو حڪومت لاءِ سڪون سان ويهڻ جو نه موقعو آهي نه ئي حالتون اهڙيون آهن جن ۾ حڪومت پرسڪون رهي سگهي ڇو ته معاشي حالتون ڏينهن ڏينهن ڳنڀير ٿي رهيون آهن انهن حالتن ۾ حڪومت لاءِ عوام کي رليف ڏيڻ وارو عمل انتهائي مشڪل نه آهي ٿي پر سخت خراب معاشي حالتن جو جيڪو عام ماڻهن تي اثر پئجي رهيو آهي اهو حڪمران اتحاد ۾ شامل پارٽين تي عوام جي ناراضگي کي وڌيڪ هٿي ڏئي رهيو آهي. عوام جي ناراضگي ڪنهن به سياسي پارٽي لاءِ ڪو سلو سنٺون نه آهي خاص طور تي ان وقت ۾ جڏهن ڪجهه مهينن ۾ عام چونڊون ٿيڻون هجن خير هاڻي ڪجهه ڏينهن ۾ پنجاب صوبي اندر سياسي معرڪو ٿيڻو آهي ان ماملي ۾ جيڪڏهن پي ڊي ايم اتحاد ڪامياب ٿئي ٿو ۽ پنجاب ۾ حڪومت قائم ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃي ٿو تڏهن ئي سگهي ٿو ته عمران خان لاءِ مشڪل سياسي صورتحال پيدا ٿي وڃي. جيڪڏهن پنجاب ۾ پرويز الاهي اعتماد جو ووٽ ورتو ۽ عمران خان جي چوڻ تي پنجاب اسيمبلي ٽوڙي ڇڏي ته پوءِ يقينن ڪي پي اسيمبلي به ٽٽندي ان بعد جيڪڏهن قومي اسيمبلي ۽ سنڌ، بلوچستان اسيمبلي نه ٽٽي ته تاريخ ۾ پهريون ڀيرو پنجاب ۽ ڪي پي صوبن جون صوبائي اسيمبلين جون چونڊون ڌار ٿينديون ۽ اها عمل سان اهو سلسلو شروع ٿيندو جنهن ۾ پنجاب ۽ ڪي پي اسيمبلين جون چونڊون پهريان ڪرائيون پونديون جو ته انهن جي مدت ٻين اسيمبلين کان اڳ جونجهي ڪري اڳ پوري ٿيندي. ڇا ان عمل جو پاڪستان متحمل ٿي سگهندو؟ چا ان سياسي صورتحال جا اثر پاڪستان جي سياسي صورتحال کي وڌيڪ ڪشيده نه بنائي ڇڏيندا. ان بابت نه ايندڙ وقت هڏائيندو پر هن وقت جيڪي حالتون آهن اهي هاڻ کان ئي اهي اشارا ڏئي رهيون آهن ته ايندڙ عام چونڊون بعد به ملڪ اندر سياسي ڪشيدگي گهٽ ٿيڻ جا امڪان گهٽ آهن. ڇو ته عمران خان اڄ به اليڪشن ڪميشن کي ن ليگ سان مليل قرار ڏئي رهيو آهي جيڪڏهن اليڪشن ڪميشن ساڳي رهي ۽ عمران خان جي مرضي جا چونڊ نتيجا نه آيا ته عمران خان انهن نتيجن کي قبول ڪرڻ لاءِ تيار نه هوندو نتيجي ۾ سياسي چڪتاڻ جو خاتمو نه ٿي سگهندو. جيڪڏهن عمران خان جي مطالبي تي اليڪشن ڪميشن تبديل ٿي ته پوءِ ملڪ ۾ هڪ نئين روايت جنم وٺندي ان سان ادارا پنهنجي آزادي سان ڪم نه ڪري سگهندا ڇو اهڙي روايت پوڻ بعد ڪا نه ڪا سياسي پارٽي ائين ادارن تي تنقيد ڪري انهن کي تڪراري ڪري تبديليون ڪرائڻ جي ڪوشش ڪندي. سوال هي آهي ته اسان جي ملڪ ۾ سياسي چڪتاڻ جو خاتمو ٿي سگهندو سوال هي به آهي ته اهو خاتمو ڪيئن ٿي سگهندو؟ اهي اهڙا سوال آهن جن تي غور ڪرڻ انتهائي ضروري آهي ڇو ته هن وقت جيڪا سياسي چڪتاڻ هلي رهي آهي ان کي جاري رکڻ ۾ ملڪي، عوامي مفادن جي به پرواهه نٿي ڪئي وڃي

بقايا 01

ته جيڪڏهن عمران خان چاهي ٿو ته اسان ٻوڏ متاثرن جا تفصيل کيس فراهم ڪيون ته اسان جا ڪامورا ائين نه ڪندا جو جوهو پهريان ٿي نيب جا ڪيس ڀوڳي رهيا آهن. بلاول عمران خان ڏکڻ پنجاب ۽ ڪي پي جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪري، جيئن سنڌ جو وڏي وزير ٻوڏ متاثرن جي مدد ۾ لڳل آهي. ائين ئي ڪي پي ۽ پنجاب جو عوام به اوسيئڙي ۾ آهي ته انان جا وڏا وزير سندن مدد ڪن. هن چيو ته پنجاب ۾ رئيل اسٽيٽ مافياز کي کليل ڇوٽ ڏني وئي، ڪير پڇڻ وارو ناهي، پهريان ڳوگي جي ڪرپشن بوزدار ڪندو هو هاڻي پرويز الاهي ڪري رهيو آهي ڪائڻ ڪير پڇڻ وارو ناهي، عمران خان کي خبر آهي ته هو اسٽيبلشمينٽ ڪانسواءِ اقتدار ۾ نٿو اچي سگهي، عمر جي هن حصي ۾ ته عمران خان جمهوري ماڻهو بڻجي. پنجاب جي وڏي وزير بابت بلاول چيو ته پرويز الاهي مُلڪ جو سينيئر سياستدان آهي، هن سوچي سمجهي بيان ڏنو هوندو، اتحادي پارٽين کي به مشورو آهي ته مسئلن جو سياسي حل ڳوليو وڃي، پرويز الاهي کي وڏو وزير رهڻو آهي ته کيس اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو سياسي، قانوني ۽ جمهوري ويڙهه جاري رهندي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا 47 سيڪڙو تعليمي ادارا ٻوڏ سبب متاثريا تباهه ٿيا آهن. عمران خان اڄ به پنهنجي غلطيون مڃڻ لاءِ تيار ناهي، اسان جي جوتن ۽ ڪپڙن تي تنقيد، ٽرينڊ هلائڻ بدران ٻوڏ متاثرن تي وقت لڳائن ها ته مُلڪ کي فائدو ٿي ها.

بقايا 02

سي اي او اينڊي جيسي هڪ انٽرويو ۾ ٻڌايو ته ڪمپني جي 18 هزار کان وڌيڪ ماڻهن جي صفائي ڪئي پئي وڃي. هن چيو ته ملازمن جي نيڪاليءَ جي شروعات 18 جنوري کان ٿيندي جڏهن ته اي ڪامرس ۽ هيومن ريسورس جو شعبو وڌيڪ متاثر ٿيندا. ايمازون جي ملازمن جو انگ 15 لک کان وڌيڪ آهي ۽ اهو وال مارٽ ڪانپوءِ افرادي قوت جي لحاظ کان آمريڪا جي ٻي وڏي ڪمپني آهي. ان کان اڳ اي ڪامرز ڪمپني به نومبر 2022 ۾ به ملازمن جي وڏي انگ کي نيڪال ڪيو هو هن وقت به انگ ته ناهي ٻڌايو ويو پر هڪ رپورٽ موجب 10 هزار ماڻهن جي نيڪالي جو هدف طئي ڪيو ويو آهي. نئين بيان ۾ واضح ناهي ڪيو ويو ته ڪهڙن ملڪن ۾ ايمازون پاران ملازمن جو صفايو ڪيو ويندو. واضح رهي ته ان کان اڳ ميٽا ۽ ٽوئيٽر جهڙين ڪمپنين به هزارن ملازمن کي نيڪال ڪيو هو جڏهن ته گوگل پاران به ان حوالي سان غور ڪيو پيو وڃي.

بقايا 03

معاملن معاملن واري وزير مفتي عبدالشڪور سان پريس ڪانفرنس ڪندي گهرو وزير چيو ته هنن فرادين جي ڪپڙن مان 4 گوليون نڪتيون ته ڇا اهي ٽافيون هيون. ڪوچوي ٿو 8 گوليون لڳيون، ڪو چوي ٿو 4 گوليون لڳيون ته پوءِ منهنجي حساب سان ته عمران خان کي 35 گوليون لڳيون. وفاقي وزير چيو ته وزيرآباد واقعي تي عمران خان صرف ڊرامي بازي ڪري رهيو آهي. هنن جي پنهنجن ڪارڪنن جوابدار نويد کي پڪڙي پوليس جي حوالي ڪيو جوابدار جي اڳيان پنيان ڪير به نه هو جيتري مرضي جاچ ڪريو، ٻيون ٽيون جوابدار ڪوبه ناهي. معظم کي عمران خان جي گارڊ جي گولي لڳي، ان گارڊ کي به جاچ ۾ شامل ڪرڻ گهرجي. وفاقي

گهرو وزير راڻا ثناءالله چيو ته قومي سلامتي ڪميٽي [illegible] ته ٿينديون ڳالهيون ٿيون به نه آهي افغان حڪومت سان ٿينديون ڪنهن به اهڙي تنظيم سان جيڪا عوام جي خلاف يا رياست جي خلاف دهشتگردي جي لاءِ استعمال ٿئي اها برداشت ڪرڻ جوڳي نه آهي. قومي سلامتي ڪميٽي واضح ڪري ڇڏيو آهي ته ڪنهن به دهشتگرد تنظيم سان ڳالهيون نه ٿينديون.

بقايا 04

عدالت ڪيس جي ٻڌڻي بغير ڪارروائي جي 13 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي. سرڪاري ملازمن تي فائرنگ ڪرڻ جو ڪيس حليم عادل شيخ خلاف گلشن معمار ٿاڻي تي داخل ٿيل آهي. عدالت جي ٻاهران ميڊيا سان ڳالهائيندي حليم عادل شيخ چيو ته ڪوڙا ڪيس ناهيا ويا آهن. هر روز عدالتن ۾ پيش ٿيندو آهيان. حليم عادل شيخ چيو ته مون تي سرڪاري آفيسرن تي فائرنگ ڪري ڀڄي وڃڻ جو ڪيس ناهيو ويو آهي. مان جتي به وڃان ٿو ڪيس ناهيا وڃن ٿا. منهنجي خلاف 28 ڪيس داخل ڪيا ويا آهن پوليس دهشتگردن کي پڪڙي نه ٿي سگهي رڳو منهنجي پويان لڳايو ويو آهي. ڪراچي جا شهري روز ڦرجي رهيا آهن پر پوليس خاموش تماشائي بڻيل آهي.

بقايا 05

فيصلي جي منتظر آهي. خميس ڏينهن شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگرهه جي موقعي تي هڪ بيان ۾ چيو آهي ته اسين سپريم ڪورٽ کان مطالبو ٿا ڪيون ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي ڦاهي واري فيصلي کي عدالتي قتل قرار ڏئي تاريخ ۾ درستگي ڪئي وڃي. هن چيو ته عدالت کي گذارش آهي ته صدر آصف علي زرداري جي ريفرنس تي سماعت ڪئي وڃي. هن چيو ته ماضيءَ ۾ سپريم ڪورٽ جي ان وقت جي جج جسٽس نسيم حسن شاهه پڻ اهو اعتراف ڪيو هو ته شهيد ڀٽو جي ڦاهي وارو فيصلو زبردستي لکرايو ويو هو جنهن کان پوءِ اسين هن فيصلي متعلق تاريخ ۾ درستگي چاهيون ٿا ۽ عدالت هن ڦاهي واري فيصلي کي غلطي تسليم ڪري تاريخ ۾ درستگي ڪئي وڃي. هن وڌيڪ چيو ته تڪبنديون ڪرائڻ جو ڪم سنڌ حڪومت جو نه پر اليڪشن ڪميشن جو آهي. تڪبندين تي پيپلز پارٽي کي به اعتراض آهي پر جڏهن بلدياتي چونڊون جماعتي بنيادن تي ٿي رهيون آهن ته پوءِ تڪ ڪيئن به هجي ان سان ڪو به فرق نه ٿو پوي. ان ڪري تڪبندين جو جواز جاتائي ايم ڪيو ايم پاران احتجاجي ريلي جي سڌ جو جواز نه ٿو ٺهي. هن چيو ته جڏهن تڪبنديون ٿيون هيون ته ان وقت عمران خان جي حڪومت هئي ۽ تڪبندين جي خلاف اعتراض داخل ڪرڻ ۾ ايم ڪيو ايم دير ڪئي ۽ عدالت پڻ ايم ڪيو ايم جي درخواستن کي رد ڪيو ته ان ۾ سنڌ حڪومت جو ڪهڙو ڏوهه آهي. هن چيو ته پيپلز پارٽي ڪراچيءَ ۽ حيدرآباد ۾ هر هنڌ پنهنجا اميدوار بيهاريا آهن ۽ چوند نتيجا اچڻ کان پوءِ جنهن جماعت جي اڪثريت هوندي ميئر ان جماعت جو حق هوندو.

بقايا 06

۾ ڳالهائيندي مفتاح اسماعيل چيو ته مون کي پارٽي مان هٽايو ويو آهي. 6 مهينن کان ناڻي واري وزير اسحاق ڊار منهنجي خلاف مهم هلائي. ٽي وي تي اچي چيو ته 160 ڊالر ادا ڪندس. اينڪر منهنجي خلاف ٽوئيٽ ڪيو ۽ پروگرام پڻ منعقد ڪيائين. هن چيو ته اسحاق ڊار کي ناڻي وارو وزير بڻجڻ جو ڏاڍو شوق هو. پارٽي ۾ ميان صاحب جا به رشتيدار آهن ۽ هو لنڊن ۾ ساڻس گڏ هو. ٽنهن ڪري چوندو هو ته مان هليو ويندس ۽ ڊالر سستو ڪري ڇڏيندس. پيٽرول سستو ڪريو. ڏڍو شهيد جا درياهه به ايندا. پوءِ پارٽي يا ميان صاحب مفتاح کي هٽائڻ جو فيصلو ڪيو. پارٽي ۾ گروپ بندي بابت سوال تي مفتاح اسماعيل چيو ته ڪا به گروپنگ ناهي. پارٽي ۾ پنهنجي ذهن جا ماڻهو آهن. پر سڀني کي خبر هئي ته ڊار صاحب جي ذاتي خواهش هئي. پارٽي ڇڏي هئي. پوءِ ڊالر دي ويلو ڪيو. ان ڪري اهي ٽي وي تي تنقيد ڪن ٿا. پارٽي ۾ هڪ ٻئي سان ڳالهائي سگهون ٿا پر ٽي وي تي ڳالهائي نٿا سگهون. اڳوڻي ناڻي واري وزير جو چوڻ هو ته ڊار برداشت نٿو ڪري ۽ ڪنهن ٻئي شخص کي وزير طور نه ڏٺو آهي. هو سمجهن ٿا ته ڪيس مسلم ليگ ۾ وزير ٿيڻ گهرجي ها. مون کي ان سان ڪو به مسئلو نه هو. مان ملڪ مان آيو آهيان. لنڊن مان آمريڪا جي دوري تي پهتس ته 12 ماڻهن جي سامهون مون کي فون ڪري ٻاهر ڪڍيائين.

بقايا 07

ويو اجلاس ۾ بلوچستان مان اڳواڻن جي پيپلزپارٽي ۾ شموليت پارٽيءَ جي وڏي ڪاميابي قرار ڏني وئي، مودي کي آڪيون ڏيکارڻ تي بلاول ڀٽو زرداري جي واکاڻ پڻ ڪئي وئي اجلاس ۾ چيو ويو ته بلاول ڀٽو زرداري جي انڊائٽي سفارتڪاري جي نتيجي ۾ ڪشمير مسئلو دنيا ۾ ڀيهر اجاگر ٿيو آهي اجلاس ۾ ٽي ٽي پي جي ڌمڪين، ايم ڪيو ايم جي مطالبن ۽ نون ليگ جي پاليسين بابت به غور ويچار ڪيو ويو. ڏکڻ پنجاب مان اهم شخصيتن جي پارٽيءَ ۾ شموليت بابت به مشاورت ڪئي وئي

بقايا 08

جي شهر هلدواني ۾ مسلمانن کي بي گهر ڪرڻ جي تياري ڪئي وئي آهي. اتراکنڊ جي هاءِ ڪورٽ مسلمانن جي آبادي واري علائقي ۾ 4 هزار گهرن تي بلڊوزر هلائڻ جو حڪم ڏنو آهي. عدالت ۾ ملسلمانن مٿان سرڪاري زمين تي قبضي جي درخواست ڏني وئي هئي، جنهن تي عدالت حڪومت جي ڊر ٿيندي مسلمانن جا گهر ڊاهڻ جو حڪم ڏئي ڇڏيو عدالت جي ان فيصلي خلاف اتراکنڊ جي مختلف شهرن ۾ احتجاج جاري آهن. احتجاج ڪندڙن جو چوڻ آهي ته 100 سالن کان مسلمان هتي آباد آهن جن کي شديد ٿڌ ۾ بي گهر ڪيو پيو وڃي.

بقايا 09

بلاول کي تنقيد جو نشانو بڻايو. پي ٽي آءِ جي اڳواڻ علي حيدر زيدي لکيو ته مينهن جي واڙي کان خراب حالت جي ڪلاس روم ۾ تصوير ناهيندڙ ان تصوير کي استعمال ڪندي عالمي فند گهرندو پر اهي فنڊز نه اسڪول پهچندا نه وري انهن ٻارن تائين پهچندا. ان جي جواب ۾ سنڌ جي مڪاني ڪاتي جي وزير سيد ناصر حسين شاهه لکيو ته عوام جو پيار اهي محسوس نٿا ڪري سگهن جيڪي فوٽن جي تعزيت لاءِ ماڻهن کي گهر گهرائيندا آهن. توهان ٻارن جا اڳهاڙا پير ڏسو. اسان انهن جا چمڪندڙ چهرا ڏسنداسين.

بقايا 10

جي مزار تي حاضري ڏني مزار تي گل رکيا ۽ فاتحه خواني ڪئي. سنڌ جي گورنر ملڪ جي سلامتي ۽ استحڪام لاءِ دعا پڻ ڪئي. سنڌ جي گورنر درٻار ۾ ٿيل محفل ذڪر ۾ شرڪت پڻ ڪئي. پير نقيب الرحمان گورنر سنڌ لاءِ نيڪ خواهشن جو اظهار ڪيو. ان موقعي تي سنڌ جي گورنر چيو ته درگاهن تي وڃڻ سان ذهني ۽ دلي سڪون حاصل ٿيندو آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته جڏهن به سڪون جي ضرورت هوندي آهي. ڪنهن نه ڪنهن درگاهه جو رخ ڪندو آهيان. سنڌ جي گورنر چيو ته هتي اچڻ سان ڪافي سڪون جو احساس ٿيو آهي. ڪامران خان ٽيسوري چيو ته مريدن لاءِ هفتيوار تربيتي سيشن منعقد ڪرڻ تي پير صاحب کي مبارڪباد ڏيان ٿو.

بقايا 11

مواد به هٿ آيو آهي. افغان حڪومت جي ترجمان موجب داعش جي ان خطرناڪ نيٽورڪ لنگان هوٽل، هوائي اڏي ۽ ڪابل ۾ پاڪستاني سفارتخاني تي حملو ڪيو هو. هاڻي به ڪجهه اهم جاين تي حملي جي رٿابندي ڪري رهيا هئا.

بقايا 12

ڪندو. عاصم منير جي اسلامي برادر ملڪن جي قيادت سان ملاقاتن ۾ گڏيل دلچسپي جي معاملن، فوجي سهڪار تي خيالن جي ڏي وٺ ڪئي ويندي. ۽ ٻه طرفي مسئلا ٻڌي طرف سعودي ميڊيا موجب جنرل عاصم منير بجاءِ واري وزير شهزاده خالد بن سلمان بن عبدالعزيز سان ملاقات ڪئي. جنهن ۾ سعودي بجاءِ واري وزير کيس پاڪستان جو آرمي چيف ٿيڻ تي مبارڪباد ڏني. ميڊيا رپورٽن موجب آرمي چيف ۽ سعودي بجاءِ واري وزير وچ ۾ ملاقات ۾ ٻطرفن لاڳاپن کي وڌيڪ فروغ ڏيڻ ۽ مستقبل ۾ هڪ ٻئي جي مدد جاري رکڻ جي عزم کي ورجايو ويو

بقايا 13

ڪئي وڃي، سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بئنچ صحافي ارشد شريف قتل ماملي تي ڀاتمرادي ٽوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن سلسلي ۾ ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته ايڊيشنل اٽارني جنرل صاحب، ارشد شريف قتل جي جاچ ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي؟ ان ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته اڳڀرائي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اسپيشل جي آءِ ٽي 41 ڄڻن جا بيان رڪارڊ ڪيا آهن. جاچ ڪينيا، يو اي اي ۽ پاڪستان سميت ٽن حصن تي ٻڌل آهي. جي آءِ ٽي هاڻ وڌيڪ انڪوائري لاءِ ڪينيا ويندي. ان تي جسٽس اعجاز الحسن چيو ته جاچ جي ٽي مرحلا آهن. هڪ پاڪستان، ٻيو دبئي ۽ ٽيون ڪينيا آهي. ڇا پهرين مرحلي جي جاچ مڪمل ٿي وئي آهي؟ عامر رحمان ٻڌايو ته فيزون جي گهٽي قدر جاچ مڪمل ٿي چڪي آهي. عدالت پڇائو ڪيو ته جاچ مڪمل ٿيڻ جو ڪو ٽائم فريم مقرر ڪيو ويو آهي؟ جنهن ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته جاچ مڪمل ٿيڻ جي ٽائم لائين ڏيڻ ڏکيو آهي. دبئي ۾ جاچ ڪانپوءِ اسپيشل جي آءِ ٽي ٽيم پندرنهن جنوريءَ تي ڪينيا ويندي. عدالت پڇائو ڪيو ته ڇا جاچ ۾ گڏيل قومن کي شامل ڪرڻ جو امڪان آهي؟ ان تي ايڊيشنل اٽارني جنرل جواب ڏنو ته ضرورت پئي ته اهو آپشن به موجود آهي. جسٽس مظاهر نقوي چيو ته جاچ ۾ ڪنهن قسم جي رنڊڪ نه پيا وجهون. عدالت جي آءِ ٽي کي جي جاچ لاءِ آزادي ڏئي رهي آهي. ارشد شريف قتل جي صاف شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي ڇو جو عدالت ان معاملي ۾ تمام گهڻي سنجيدا آهي. چيف جسٽس چيو ته حڪومت گڏيل قانوني مدد جو خط لکڻ ۾ دير ڪئي آهي. ارشد شريف جو موت نه رڳو انساني حقن جو معاملو آهي پر بيرحماڻو قتل هو. سندس مُلڪ ڇڏڻ جي سببن تي جاچ ڪئي وڃي. ارشد شريف جون ڪجهه ڊيجيٽل ڊيوائسز آهن جيڪي اڃا تائين ناهن مليا. ڇا جي ٽي آءِ کي معلوم ٿيو آهي ته اهي ڪٿي آهن. ارشد شريف قتل جي آءِ ٽي لاءِ ٽيسٽ ڪيس آهي. جسٽس اعجاز چيو ته گڏيل قومن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پرڏيهي وزارت سان رابطو ڪيو جنهن بعد عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي فيبروري جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 14

سهيل راجپوت، ڊي جي رينجرز ميجر جنرل اظهر وقاص، آءِ جي پوليس غلام نبي ميمڻ، گهرو سيڪريٽري سعيد مگنيجو، پرنسپل سيڪريٽري حسن نقوي ۽ ٻيا به موجود هئا. اجلاس ۾ ايڊيشنل آءِ جي ڪراچي، ايڊيشنل آءِ جي اسپيشل برانچ، پراسيڪيوٽر جنرل سنڌ، انٽيليجنس ادارن جي صوبائي سربراهن ۽ ٻين لاڳاپيل آفيسرن شرڪت ڪئي. اجلاس کي خطاب ڪندي وڏي وزير چيو ته اسان کي هڪ ڀيرو ٻيهر سڪيورٽي جو نظام بهتر ڪرڻو پوندو. هن ڌرتيءَ تي دهشتگردي کي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪنداسين. اسان کي سڪيورٽي انتظامن، انٽيليجنس سسٽم ۽ ٽارگيٽيڊ آپريشنز کي وڌيڪ بهتر ڪرڻو پوندو. هاڻي ايپيڪس ڪميٽي جو اجلاس هر 15 ڏينهن ڪانپوءِ ٿيندو. ٻارن، اقليتن ۽ عورتن سان زيادتي ڪنهن به صورت ۾ برداشت نه ڪئي ويندي. منشيات جو واپار ناقابل برداشت آهي. شرجيل ميمڻ اجلاس کي ٻڌايو ته گٽڪو، ماوا ۽ پير تشا اسان جي نسل کي تباهه ڪري رهيو آهي ان تي وڏي وزير سمورن منشيات خلاف ڪارروايون تيز ڪرڻ جي هدايت ڪري ڏني ڇڏي. سنڌ جي وڏي وزير جي صدارت هيٺ ايپيڪس ڪميٽي جي گڏيل اجلاس ۾ آئل ٽرمينلز جي سڪيورٽي کي وڌيڪ بهتر بڻائڻ جو فيصلو ڪيو ويو آئل ٽرمينل جي سڪيورٽي بابت اجلاس ٿيو. يونيفائيڊ ڪمانڊ اسٽرڪچر ناهيو ويو. اجلاس ۾ سنڌ جي چيف سيڪريٽري آگاهه ڪيو. چيف سيڪريٽري سنڌ ٻڌايو ته ٽرمينل جي چوڌاري حساس نظام پڻ لڳايو ويو

آهي. منشيات فروشن جي بحالي لاءِ 4 عمارتن جي نشاندهي ڪئي وئي آهي. هي عمارتون ڪماري، ضلعي سينٽرل، ملير ۽ ضلعي اولهه ۾ آهن. سنڌ انهن بحالي مرڪزن جي مرمت ۽ هلائڻ لاءِ 8 ملين رپيا جاري ڪيا آهن. سنڌ جي وڏي وزير منشيات اسمگلنگ ۽ ڊيلرز خلاف آپريشن ڪرڻ جي هدايت ڏيندي چيو ته اهي ڍوهاري اسٽريٽ ڪرائم ۾ به ملوث آهن. انهن جي بحاليءَ سان نه رڳو اسٽريٽ ڪرائم ۾ گهٽتائي ايندي پر ڪين ڪارآمد شهري بڻائڻ ۾ مدد ملندي. اسمگلنگ خلاف آپريشن ۾ اينٽي نارڪوٽڪس فورس کي گڏ رکيو وڃي. اي اين ايف کي منشيات جي استعمال لاءِ بحالي مرڪزن سان نه رکيو وڃي کي ايم سي ليپروسي اسپتال منگهوپير ۽ اسپورٽس سينٽر ملير کي هلائڻ لاءِ اي اين ايف سان معاهدو ڪيو آهي. سنڌ جي وڏي وزير کي ٻڌايو ويو ته سنڌس فيصلي موجب جناح ٽرمينل تي چائنا ڊيسڪ قائم ڪئي وئي آهي. سال 2022 ۾ سيئي چيني ۽ ٻيا جيڪي ٻاهران آيا آهن انهن کي رجسٽرڊ ڪيو ويو آهي. نادرا هڪ ايپليڪيشن تيار ڪري رهي آهي جيڪا پرڏيهين جي آمد ۽ روانگي وغيره جي نگراني ڪري سگهندي وڏي وزير چيو ته جڏهن پرڏيهين کي ويزا جاري ڪيا وڃن ته ان ڏينهن کان سندن نگراني شروع ڪئي وڃي ان جو پتو لڳايو وڃي ته هو ڪڏهن آيو، ڪٿي ڪم ڪري رهيو آهي ۽ ڪڏهن واپس ويندو. پرڏيهين جي سڪيورٽي لاءِ اهو ضروري آهي، اجلاس کي ٻڌايو ويو ته ادارا چوري ٿيل موٽرسائيڪل مارڪيٽ تي نظر رکي رهيا آهن چوري ٿيل موٽرسائيڪلون هٿ آيل هنڌن خلاف ڪارروائي ڪئي وڃي سنڌ کان علاوه بلوچستان ۾ چوري ٿيل موٽرسائيڪلن جي مارڪيٽ آهي بلوچستان حڪومت به ان بورڊ ۽ ايڪشن وٺي رهي آهي سنڌ جي وڏي وزير پاران اي وي ايل سي ۽ دستاويزن جي 4/2 ڦيٿين جي چوري کي روڪڻ لاءِ وڌيڪ 5 يونٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويو حيدرآباد، ميرپورخاص، سکر ۽ شهيد بينظير آباد ۾ اي وي ايل سي يونٽ قائم ڪرڻ جو فيصلو ٿيو. دهشتگردن جي سوشل اڪائونٽس جي نگراني ڪري رهيا آهيون، آءِ جي پوليس سنڌ جي وڏي وزير کي آگاهه ڪري ڇڏيو آئي جي چيو ته گڏيل ايپيڪس ڪميٽي جي فيصلي موجب مانيٽرنگ جاري آهي، وزيراعليٰ سنڌ چيو ته مانيٽرنگ بابت رپورٽ مون کي پيش ڪئي وڃي. سنڌ جي وڏي وزير عسڪريت پسندن جي اي ٽيگنگ بابت فيصلي جي اڳڀرائي بابت پڇائو ڪيو. بدعنواني جي عادت رکندڙن جي نگرانيءَ جو بل سنڌ اسيمبلي ڏانهن موڪليو ويو آهي. مرتضيٰ وهاب سنڌ جي وڏي وزير کي آگاهه ڪري ڇڏيو مرتضيٰ وهاب چيو ته هي بل اسٽينڊنگ ڪميٽي ڏانهن ويندو. سنڌ جي وڏي وزير چيو ته هي بل جلد پاس ڪيو وڃي.

بقايا 15

وٺي يا نه وٺي. وڏو وزير نه رهندو. حافظ حمدالله جو چوڻ آهي ته عمران خان جو 9 جنوري تي اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو اعلان رڳو خبرون رهجي وينديون هن وڌيڪ چيو ته ٻڌو آهي ته عمران خان ٽوٽنس سٽيز جي رهواسين سان ملڻ جي ڪوشش ڪئي پر نمبر بند يا مصروف هو. هاڻي خان صاحب جو نه ڪو فون ايندو. وزيرآباد ۾ عمران خان تي حملي جي حوالي سان پي ڊي ايم ترجمان چيو ته پنجاب حڪومت جي فرانزڪ رپورٽ ۾ ثابت ٿيو ته خان صاحب کي هڪ گولي به نه لڳي. ان رپورٽ مان عمران خان جو هڪ ٻيو ڪوڙ پڪڙي ويو ۽ هو هڪ ڀيرو ٻيهر بيان جو رخ موڙي ويو. حافظ حمدالله چيو ته فواد چوڌري جي پريس ڪانفرنس نه پر پنجاب فرانزڪ ليب جي رپورٽ قانون موجب قبول آهي.

بقايا 16

واري درخواست رد ڪرڻ جي درخواست ڪئي. جڏهن ته عمران خان جي وڪيل طبي بنيادن تي عدالت ۾ پيش ٿيڻ لاءِ 2 هفتن جو وقت ڏيڻ جي درخواست ڪئي. اسپيشل پراسيڪيوٽر چيو ته عمران خان نومبر ۾ پيش آيل واقعي کان وٺي سياسي معاملا هلائي رهيو آهي. عمران خان سياسي معاملا هلائي رهيو آهي پر عدالت ۾ پيش نٿو ٿئي. تنهن ڪري عمران خان جي حاضري کان استثنيٰ جي درخواست رد ڪئي وڃي. پراسيڪيوٽر رضوان عباسي چيو ته عمران خان عدالت ۾ پيش نه ٿيو ۽ نه ئي جاچ ۾ حصو ورتو. ضمانتي مچلڪن ڪانسواءِ عمران خان عدالتي حڪم تي عمل ناهي ڪيو. عمران خان جي ضمانت واري درخواست به رد ڪئي وڃي. عدالت عمران خان کان اسلام آباد ۾ زمان پارڪ ۾ پيش ٿيڻ واري اسپيشل پراسيڪيوٽر جي درخواست رد ڪندي سندس اڄ حاضري کان ڇوٽ واري درخواست منظور ڪندي عبوري ضمانت ۾ 31 جنوري تائين واڌ ڪندي حڪم

ڏنو ته عمران خان هر صورت ۾ عدالت آڏو پيش ٿيان.

بقايا 17

رفيق سومرو جي دڪان جي ڇت مٿان رکيل سولر جون 5 پليٽون چوري ڪري فرار ٿي ويا. جڏهن ته ساڳئي علائقي ۾ مينهن جي واڙي مان نامعلوم چور قربان سومرو جي مينهن جي واڙي مان 2 مينهون ڪاهي فرار ٿي ويا آهن هتان جي رهواسين مطالبو ڪيو آهي ته چورن جي آزار سبب راتيون جاڳي گذارڻ تي مجبور آهيون ايس ايس پي حيدرآباد ۽ ٻين اعليٰ اختيارين کان مطالبو ڪريون ٿا ته چوري ٿيل سامان واپس ڪرائي، فوري طور تي قدم کڻي علائقي مان چورن جو آزار ختم ڪيو وڃي. جيئن هتان جا رهواسي سک جي ننڊ سمهي سگهن. ياد رهي ته بچاري ٿاڻي ويجهو شاهه لطيف ڪالوني ۾ چورن ۽ ڦورن جي آزار وڌي وڃڻ سبب انان جا رهواسي سخت پريشان آهن. ڪيترائي ڀيرا پوليس کي شڪايتون ڪرڻ باوجود پوليس طرفان ڪوبه قدم نه کنيو ويو آهي.

بقايا 18

ليگ طرفان وڪيل ارشد جدون اليڪشن ڪميشن ۾ پيش ٿيو ليگ. مان ظاهر ٿيو ٻڌڻي دوران اليڪشن ڪميشن اختيارين چيو ته (ن) ليگ يقين ڏيارڻو آهي ته انترا پارٽي اليڪشن 30 ڊسمبر تي ٿيندي. جنهن تي (ن) ليگ جي وڪيل چيو ته انترا پارٽي اليڪشن نه ٿي سگهي. 30 ڊسمبر تي چونڊون ٿينديون، تنهن ڪري 31 جنوري تي چونڊون ڪرايون وڃن. احسن اقبال ان حوالي سان اليڪشن ڪميشن ۾ درخواست جمع ڪرائي ڇڏي آهي. پارٽي اليڪشن 31 جنوري تي ٿيندي. آخري موقعو ڏيو(ن) ليگ جي وڪيل جي موقف تي چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته جيڪا پارٽي اليڪشن نه ڪرائي سگهي اها باقي چونڊن لاءِ ڇا ڪندي؟ اسان کي توهان جي چونڊ نشان کي منسوخ ڪرڻ گهرجي. پوءِ انترا پارٽي اليڪشن ڪرايون. چيف اليڪشن ڪمشنر چيو ته ڪڏهن ڪرونا چوندا آهن. ڪڏهن عذر پيش ڪندا آهن. (ن) ليگ کي 7 ڏينهن جو شوڪاز ٽوٽيس جاري ڪير آهي، هي حتمي شو ڪاز آهي. ان ڪانپوءِ هر ٻ ب کي واپس وٺڻ لاءِ شوڪاز ٽوٽيس جاري ڪندا.

بقايا 19

ميان داتود ايڊووڪيٽ جو چوڻ هو ته عمران خان کي جيڪا جي آءِ ٽي پسند ناهي هوندي آهي اها تبديل ڪئي ويندي آهي. جي آءِ ٽي واقعي واري هنڌ تان هٿ آيل ثبوتن کي جاچ جو حصو ناهي بڻايو ۽ عمران خان سان گڏ جوڙ ڪري ڪيس کي خراب ڪيس. هن چيو ته جوابدار جو وڌيڪ رمانڊ ڏيڻ جي ڪا ضرورت نه آهي. سخت ٿڌ ۾ ماءُ کي آڏو ويهاري جوابدار کان مرضي موجب بيان وٺڻ جي ڪوشش ڪئي پئي وڃي. سندس چوڻ هو ته پي ٽي آءِ وارا عدالت انڪري نٿا وڃن جو چو جو سچو واقعو سندن گهرڙيل آهي. اسان کي عمران جي زخمي ٿيڻ تي يقين ناهي، هو ڪوڙ ڳالهائڻ تيز آهن. هو عوام جو ڌيان پنهنجي ڊرامي تان هٽائڻ چاهين ٿا. وزيرآباد واقعو لانگ مارچ ۾ ساهه ڦوڪڻ لاءِ پاڻ ڪرايو ويو.

بقايا 20

تي طلبي باوجود حاضر نه ٿيڻ تي بيرسٽر سيف جا گرفتاري وارنٽ جاري ڪيا ويا آهن. سي ڊي اي جو چوڻ آهي ته محمد علي سيف سي ڊي اي جي زون 3 نيشنل پارڪ ايريا تي اڏاوتي ڪم ڪرايو. بيرسٽر محمد علي سيف جا گرفتاري وارنٽ ٻهارا ڪهوٽاڻي جي ايس ايڇ او ڏانهن موڪليا ويا آهن. عدالت اسلام آباد پوليس کي بيرسٽر سيف کي يارنهن جنوري تي گرفتار ڪري پيش ڪرڻ جو حڪم ڏنو آهي.

بقايا 21

ته ملڪ عام چونڊن طرف وڌي رهيو آهي. فواد چوڌري لکيو ته ٽيڪنوڪريٽ حڪومت جهڙيون سازشون ناڪام ٿينديون. عمران خان عام چونڊن جي نتيجي ۾ مستحڪم حڪومت ناهيندو. پاڪستان تحريڪ انصاف جي اڳواڻ سوشل ميڊيا تي جاري ڪيل بيان ۾ اها به دعويٰ ڪئي آهي ته موجوده حڪومت جا آخري هفتا شروع ٿي ويا آهن.

بقايا 22

جاري آهي پي ٽي آءِ جا ڪارڪن به ريلي جي صورت ۾ ڌرڻي ۾ شامل ٿي ويا. ڌرڻي سبب مختلف شهرن ڏانهن ايندڙ ويندڙ ٽريفڪ معطل آهي ڪوئٽا ۾ اٽو مهانگو ٿيڻ خلاف شهرين نيشنل هاءِ وي تي ڌرڻو هنيو. ٽريفڪ معطل ٿي وئي شادي لارج، نبي سررود، فيض گنج، ڪڙيو گهنور ۽ ٻين شهرن ۾ به مظاهرا ڪري ڌرڻا هنيا ويا آهن سانگهڙ، گهوٽڪي ۽ قاضي احمد ۾

سستي اٽي جي اسٽالن ۾ ڳاڏين تي خلق اٿلي پئي، قاضي احمد ۾ اٽو وٺندڙ عورتون پاڻ ۾ وڙهي پيون وڳڻ ۾ مهانگائي خلاف جي يو آءِ جي سڏ تي احتجاجي مظاهرو ڪيو ويو. ميهڙ ۾ اٽي ڪانپوءِ مرغي جو گوشت به 6 سئو رپيا في ڪلو وڪرو ٿيڻ جون شڪايتون سامهون آيون آهن

بقايا 23

آهي ان موقعي تي ٽائيم نيوز سان ڳالهائيندي پروين رند چيو ته ڪيس جي پوئيواري ڪرڻ تي گهر تي حملو ڪيو ويو. زندگي کي خطرو آهي پروين رند جو چوڻ هو ته سيڪيورٽي نه ملڻ سبب دولتپور جي عدالت ۾ پيشي تي نه وڃي سگهيس. حملو ڪندڙن خلاف ڪارروائي ناهي وئي هن چيو ته پنيان لڳل تصويرون توهان ڏسي سگهو ٿا ته مان آرمي چيف، چيف جسٽس ۽ اعليٰ اختيارين کي اپيل ٿي ڪريان ته مون کي هن وقت تائين سيڪيورٽي فراهم ناهي ڪئي وئي. ڪنهن به مدد ناهي ڪئي هن چيو ته وڏي وزير سيد مراد علي شاهه کي مطالبو ڪنديس ته هن معاملي جو نوٽيس ورتو وڃي. هڪ منهنجو نه پر سڀني نياڻين جو هي مسئلو آهي. هراسان ڪندڙ مک جوابدار غلام مصطفيٰ راجپوت جي ضمانت به رد ڪئي وئي آهي پر هن کي گرفتار ناهي ڪيو ويو

بقايا 24

وزير پرويز الاهي چيو ته گورنر اعتماد جو ووٽ وٺڻ جو غيرقانوني حڪم ڏنو اسان اهو نٿا مڃون. پرويز الاهي چيو ته پاڻ کي پاڪستان تحريڪ انصاف جي اعتماد جو ووٽ ڏيارڻ واري اعلان کان ڌار ڪري ورتو ۽ چيو ته اعتماد جو ووٽ وٺڻ جي ڪائي ضرورت نه آهي. گورنر پنجاب جي غيرقانوني حڪم کي نٿو مڃان. پي ٽي آءِ کي گهرجي ته غيرذميوارانه بيان نه ڏي. پنجويهين تاريخ تي پنهنجي حشر کي ياد رکي سندن زبانون ٻاهر نڪري آيون هيون. هن چيو ته هو عمران خان ويجهن جي بنياد تي اڳتي وڌي رهيو آهي. هن عمران خان کي قائداعظم ڪانپوءِ سڀ کان وڏو ليڊر پڻ قرار ڏنو سنڌس چوڻ هو ته اعتماد جي ووٽ جي حڪمت عملي جوڙڻ لاءِ اڄ وري عمران خان جي صدارت هيٺ اجلاس ٿي رهيو آهي. ياد رهي ته مجلس وحدت المسلمين جي زهرا نقويءَ ۽ پي ٽي آءِ جي مومنه وحيد اعلان ڪري چڪيون آهن ته هو پرويز الاهي کي ووٽ نه ڏينديون.

بقايا 25

جاري ڪيل انگن اکرن موجب ڪاروبار جي پڇاڙي تي ڊالر جو اگهه 17 پئسا واڌ بعد 227 رپيا 12 پئسا ٿي ويو آهي. ٻئي پاسي اوپن مارڪيٽ ۾ ڊالر جو مُلهه 236 رپيا برقرار آهي.

بقايا 26

جي درخواست منظور ڪري ورتي آهي. عدالت ۾ جوابدارن جا بيان رڪارڊ نه ٿي سگهي عدالت ڪيس جي ٻڌڻي 12 جنوري تائين ملتوي ڪري ڇڏي آهي.

بقايا 27

زخمي ٿيا آهن پرڏيهي ميڊيا موجب بم ڌماڪن ۾ فوت ٿيندڙن جي اڪثريت عام شهرين جي آهي جن ۾ عورتون ۽ ٻار پڻ شامل آهن. پوليس چيف موجب هڪ بم ڌماڪو انهن جي گهر جي ٻاهران ٿيو جنهن جو ٽارگيٽ پرليس چيف هو ۽ ٻيو ڌماڪو قانون ساز اسيمبلي جي ميمبر جي گهر ٻاهران ٿيو آهي. منهاس جي پوليس چيف جو چوڻ آهي ته مرڪزي صوماليا جي شهر مهاس ۾ ٿيندڙ ڌماڪن ۾ القائدا جو دهشتگرد گروهه الشباب ملوث آهي.

بقايا 28

ته آزادي ملي وڃي پر ڪيترائي قيدي اندر پوڳين پيا ۽ يقين آهي ته جلد ئي انهن جي آزادي جي خبر به ملندي.

بقايا 29

ته جيڪڏهن عمران خان چاهي ٿو ته اسان ٻوڏ متاثرن جا تفصيل ڪيس فراهم ڪيون ته اسان جا ڪامورا ائين نه ڪندا جو جوهو پهريان ٿي نيب جا ڪيس پوڳي رهيا آهن. بلاول عمران خان ڏکڻ پنجاب ۽ ڪي پي جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪري، جيئن سنڌ جو وڏي وزير ٻوڏ متاثرن جي مدد ۾ لڳل آهي. ائين ئي ڪي پي ۽ پنجاب جو عوام به اوسيئڙي ۾ آهي ته انان جا وڏا وزير سندن مدد ڪن. هن چيو ته پنجاب ۾ رئيل اسٽيٽ مافياز کي کليل ڇوٽ ڏني وئي، ڪير پڇڻ وارو ناهي، پهريان ڳوگي جي ڪرپشن بوزدار ڪندو هو هاڻي پرويز الاهي ڪري رهيو آهي ڪائڻ ڪير پڇڻ وارو ناهي، عمران خان کي خبر آهي ته هو اسٽيبلشمينٽ ڪانسواءِ اقتدار ۾ نٿو اچي سگهي، عمر جي هن حصي ۾ ته عمران خان جمهوري ماڻهو بڻجي. پنجاب جي وڏي وزير

بابت بلاول چيو ته پرويز الاهي مُلڪ جو سينيئر سياستدان آهي، هن سوچي سمجهي بيان ڏنو هوندو، اتحادي پارٽين کي به مشورو آهي ته مسئلن جو سياسي حل ڳوليو وڃي، پرويز الاهي کي وڏو وزير رهڻو آهي ته کيس اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو سياسي، قانوني ۽ جمهوري ويڙهه جاري رهندي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا 47 سيڪڙو تعليمي ادارا ٻوڏ سبب متاثريا تباهه ٿيا آهن. عمران خان اڄ به پنهنجي غلطيون مڃڻ لاءِ تيار ناهي، اسان جي جوتن ۽ ڪپڙن تي تنقيد، ٽرينڊ هلائڻ بدران ٻوڏ متاثرن تي وقت لڳائن ها ته مُلڪ کي فائدو ٿي ها.

بقايا 30

ڪئي وڃي، سپريم ڪورٽ ۾ چيف جسٽس عمر عطا بنديال جي سربراهي ۾ پنج رڪني لارجر بئنچ صحافي ارشد شريف قتل ماملي تي ڀاتمرادي ٽوٽيس ڪيس جي ٻڌڻي ڪئي. جنهن سلسلي ۾ ايڊيشنل اٽارني جنرل عامر رحمان عدالت ۾ پيش ٿيو ٻڌڻي دوران چيف جسٽس پڇائو ڪيو ته ايڊيشنل اٽارني جنرل صاحب، ارشد شريف قتل جي جاچ ۾ ڪهڙي اڳڀرائي ٿي آهي؟ ان ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته اڳڀرائي رپورٽ جمع ڪرائي ڇڏي آهي. اسپيشل جي آءِ ٽي 41 ڄڻن جا بيان رڪارڊ ڪيا آهن. جاچ ڪينيا، يو اي اي ۽ پاڪستان سميت ٽن حصن تي ٻڌل آهي. جي آءِ ٽي هاڻ وڌيڪ انڪوائري لاءِ ڪينيا ويندي. ان تي جسٽس اعجاز الحسن چيو ته جاچ جي ٽي مرحلا آهن. هڪ پاڪستان، ٻيو دبئي ۽ ٽيون ڪينيا آهي. ڇا پهرين مرحلي جي جاچ مڪمل ٿي وئي آهي؟ عامر رحمان ٻڌايو ته فيزون جي گهٽي قدر جاچ مڪمل ٿي چڪي آهي. عدالت پڇائو ڪيو ته جاچ مڪمل ٿيڻ جو ڪو ٽائم فريم مقرر ڪيو ويو آهي؟ جنهن ايڊيشنل اٽارني جنرل چيو ته جاچ مڪمل ٿيڻ جي ٽائم لائين ڏيڻ ڏکيو آهي. دبئي ۾ جاچ ڪانپوءِ اسپيشل جي آءِ ٽي ٽيم پندرنهن جنوريءَ تي ڪينيا ويندي. عدالت پڇائو ڪيو ته ڇا جاچ ۾ گڏيل قومن کي شامل ڪرڻ جو امڪان آهي؟ ان تي ايڊيشنل اٽارني جنرل جواب ڏنو ته ضرورت پئي ته اهو آپشن به موجود آهي. جسٽس مظاهر نقوي چيو ته جاچ ۾ ڪنهن قسم جي رنڊڪ نه پيا وجهون. عدالت جي آءِ ٽي کي جي جاچ لاءِ آزادي ڏئي رهي آهي. ارشد شريف قتل جي صاف شفاف جاچ ٿيڻ گهرجي ڇو جو عدالت ان معاملي ۾ تمام گهڻي سنجيدا آهي. چيف جسٽس چيو ته حڪومت گڏيل قانوني مدد جو خط لکڻ ۾ دير ڪئي آهي. ارشد شريف جو موت نه رڳو انساني حقن جو معاملو آهي پر بيرحماڻو قتل هو. سندس مُلڪ ڇڏڻ جي سببن تي جاچ ڪئي وڃي. ارشد شريف جون ڪجهه ڊيجيٽل ڊيوائسز آهن جيڪي اڃا تائين ناهن مليا. ڇا جي ٽي آءِ کي معلوم ٿيو آهي ته اهي ڪٿي آهن. ارشد شريف قتل جي آءِ ٽي لاءِ ٽيسٽ ڪيس آهي. جسٽس اعجاز چيو ته گڏيل قومن کي جاچ ۾ شامل ڪرڻ لاءِ پرڏيهي وزارت سان رابطو ڪيو جنهن بعد عدالت ڪيس جي وڌيڪ ٻڌڻي فيبروري جي پهرين هفتي تائين ملتوي ڪري ڇڏي.

بقايا 31

ته جيڪڏهن عمران خان چاهي ٿو ته اسان ٻوڏ متاثرن جا تفصيل ڪيس فراهم ڪيون ته اسان جا ڪامورا ائين نه ڪندا جو جوهو پهريان ٿي نيب جا ڪيس پوڳي رهيا آهن. بلاول عمران خان ڏکڻ پنجاب ۽ ڪي پي جي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪري، جيئن سنڌ جو وڏي وزير ٻوڏ متاثرن جي مدد ۾ لڳل آهي. ائين ئي ڪي پي ۽ پنجاب جو عوام به اوسيئڙي ۾ آهي ته انان جا وڏا وزير سندن مدد ڪن. هن چيو ته پنجاب ۾ رئيل اسٽيٽ مافياز کي کليل ڇوٽ ڏني وئي، ڪير پڇڻ وارو ناهي، پهريان ڳوگي جي ڪرپشن بوزدار ڪندو هو هاڻي پرويز الاهي ڪري رهيو آهي ڪائڻ ڪير پڇڻ وارو ناهي، عمران خان کي خبر آهي ته هو اسٽيبلشمينٽ ڪانسواءِ اقتدار ۾ نٿو اچي سگهي، عمر جي هن حصي ۾ ته عمران خان جمهوري ماڻهو بڻجي. پنجاب جي وڏي وزير بابت بلاول چيو ته پرويز الاهي مُلڪ جو سينيئر سياستدان آهي، هن سوچي سمجهي بيان ڏنو هوندو، اتحادي پارٽين کي به مشورو آهي ته مسئلن جو سياسي حل ڳوليو وڃي، پرويز الاهي کي وڏو وزير رهڻو آهي ته کيس اعتماد جو ووٽ وٺڻو پوندو سياسي، قانوني ۽ جمهوري ويڙهه جاري رهندي. هن وڌيڪ چيو ته سنڌ جا 47 سيڪڙو تعليمي ادارا ٻوڏ سبب متاثريا تباهه ٿيا آهن. عمران خان اڄ به پنهنجي غلطيون مڃڻ لاءِ تيار ناهي، اسان جي جوتن ۽ ڪپڙن تي تنقيد، ٽرينڊ هلائڻ بدران ٻوڏ متاثرن تي وقت لڳائن ها ته مُلڪ کي فائدو ٿي ها.

بقايا — سنڌيار 01

روڊ بند ڪري ڇڏيو جنهن سبب مسافرن کي سخت پريشاني کي منهن ڏيڻو پيو مظاهرين سنڌ پريس ڪلب چمبڙ جي ٽيم سان ڳالهائيندي چيو ته 30 ڪلاڪ گذرڻ باوجود به مک جوابدار گرفتار نه ٿي سگهيا آهن چمبڙ پوليس کي اسان جوابدرن جي نشانداهي به ڪرائي آهي پر چمبڙ پوليس هن وقت تائين ڪا به گرفتاري عمل ۾ ناهي آندي مظاهرين آئي جي سنڌ ڊي آئي جي حيدراباد ايس ايس پي ٽنڊوالهيار کان مطالبو ڪندي چيو ته قاتلن کي فوري طور گرفتار ڪيو وڃي اگر قاتل گرفتار نه ٿيا ته بي صورت ۾ سموري سنڌ ۾ احتجاج جو سڏ ڏنو ويندو

بقايا — سنڌيار 02

سعدي ۽ نائب خطب حافظ اعجاز احمد آرائين بيان ڪيو جنهن بعد ثناء خوان استاد عبدالمجيد سلطاني ۽ شفيق احمد سلطاني مولود ۽ نعتون پيش ڪيون بعد ۾ خصوصي خطاب حضرت مولانا محمد خليل الرحمان مولانا خواجه محمد معصوم جن سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعالي عنہ جي شان بيان ڪري سخت سردي ۾ ماحول گرمائي خوب داد حاصل ڪيو ۽ خصوصي دعا قبل پير محمد عبدالغفار عرف پير مٺا ثاني سجاد نشين درگاھ عاليہ رحمت پور شريف لاڙڪاڻہ پاران گهري وئي جڏهن ته آخر ۾ يارهين شريف جو لنگر پڻ تقسيم ڪيو ويو

بقايا — سنڌيار 03

مائٽن منهنجي مڙس سميت ٻين سندس مائٽن تي ڪوڙو ڪيس داخل ڪرايو آهي پوليس سرپرستي ۾ گهرن ۽ دڪانن تي قبضو ڪيو ويو آهي جيڪا وڏي زيادتي آهي هن مطالبو ڪيو ته ڪين تحفظ ڏئي گهر ۽ دڪانن تي ٿيل قبضو ۽ داخل ڪوڙو ڪيس ختم ڪيو وڃي ۽ اسان کي مرضي موجب زندگي گذارڻ ڏني وڃي چيو ته زندگين کي خطرو آهي

بقايا — سنڌيار 04

پڙهيون صحافي منور ويسر جي امڙ ۽ عبدالحفيظ ويسر جي ڀڄي جي ايصال ثواب پهچائڻ لاءِ علام مولانہ حافظ ماجد علي قاسمي جن دعا گهري ٻئي طرف صحافي جي امڙ جي وفات تعزيت جو سلسلو جاري آهي پير آف راڻيپور پير سيد عادل علي شاھ جيلاني, سيتارجا پريس ڪلب جي صدر حسين بخش ڪبر , سجاد ڪبر , ناصر آرائين , عاشق اسلامي , عبدالله سهتو , حنيف ڏاريجو , عرفان سهتو , عبدالنبي راڄپر , اي ڊي سهتو , امبرلنڊ , باسط لنڊ ,ميرخان لنڊ , فيض چاڪراڻي , سني رابطہ ڪاميٽي سنجرلنڊ جو صدر عمران لنڊ , فدا بلوچ , ممتاز شر ايڊوڪيٽ آصف راڄپر , عامرلنڊ , لالڻ ڪبر , ڪامريڊ مهتاب ۽ ٻين پاران سئي گڪس لگ ڳوٺ مولوي اميرالدين ويسر پهچي تعزيت ڪئي وئي جڏهن ته سندس وارثن سان تعزيت جو سلسلو جاري آهي.

بقايا — سنڌيار 05

, اسٽاف نرس تنوير احمد ملڪ, ڊاڪٽر عبدالغفار, نظام الدين سولنگي ۽ ٻيا موجود هئا ان موقعي تي سالگرهہ جو ڪيڪ ڪاٽي ريفريشمينٽ جو اهتمام ڪيو ويو اڳواڻن لالا موسيٰ کي سالگرهہ جون مبارڪون ڏينيدي چيو ته شال زندگي پر اهڙيون خوشيون ملهائيندو رهي ۽ اهڙيون گڏجاڻيون ٿينديون رهن چيو ته اڄ جي دور ۾ خوشين جي ڪوٽ ٿيندي پئي وڃي ۽ ماڻهن جي ميل جول نہ ٿيڻ سبب تنهائي ٿيندي پئي وڃي جيڪا معاشري جي لاءِ وڏو ناسور آهي انڪري هيءَ سالگرهہ جون رسمون اسان لاءِ محبت جون علامتون آهن انهن کي برقرار رکيو وڃي

بقايا — سنڌيار 06

جنهن ۾ سينيٽر ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڌرو شهيد ذوالفقار جي سالگره جو ڪيڪ ڪٽيو ان موقعي تي ليڊيز ونگ جي ڪارڪنن ۽ اڳواڻن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي شهيد ڀٽو جي سالگره تقريب کي خطاب ڪندي سينيٽر ڊاڪٽر خالده سڪندر مينڌرو چيو ته شهيد ذوالفقار علي ڀٽو پاڪستان جي عوام کي بنيادي حق ووٽ لاءِ زبان ڏني ۽ پنهنجي پارٽي جو منشور به عوامي رکيو سندس ٿي جدوجهد جي نتيجي ۾ پاڪستان ائٽمي طاقت بڻيو هن چيو ته شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو آمرن لاءِ للڪار هو اهوئي سبب اهي جو اڄ به شهيد ڀٽو جو نعرو جر جنگ ۾ گونجي ٿو ۽ ماڻهو ساڻس بيپناه محبت ڪن ٿا ۽ شهيد ڀٽو عوامي ليڊر هو جيڪو هرڏک سک ۾ عوام سان هر وقت گڏ هوندو هو ۽ غريب ماڻهوجي حقن لاءِ آمرن سان مهاڏواڪائيندو هو هن چيو ته اسان کي فخر آهي ته اسان سندس پارٽي جا ڪارڪن آهيون. ان موقعي تي ضلع نائب صدر ليڊيز ونگ آمينا ملاح ,ضلع اطلاعات سيڪريٽري ياسمين پناڻ , تعلقي صدر تهمينہ عباسي ,سٽي صدرحاجياڻي ڪوسو, اطلاعات سيڪريٽري سٽي بدين ياسمين ملاح به شهيد ڀٽو جي جدوجهد ۽ سندس عوامي ڪردار تي ڳالهايو ٻئي طرف پ پ پ ضلع بدين جي ڊپٽي اطلاعات سيڪريٽري امير حسن ڪوسو طرفان بدين پريس ڪلب تي شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي 95 هين سالگره جي تقريب ٿي جنهن ۾ پڻ سالگره جو ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ بدين جي صحافين پڻ شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار 07

صدر لال جروار, مرڪزي جنرل سيڪريٽري نوراحمد ڪاتيار, عوامي تحريڪ جي مرڪزي اڳواڻ ڏاڏا عبدالقادر رانتو, عوامي تحريڪ ضلع سجاول جي صدر حسين آزاد ۽ ٻين ڪئي. ان موقعي تي اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته سنڌ حڪومت صوبائي اسيمبلي مان سنڌ جون زمينون, تيل, گئس, ڪوئلو وفاق جي اختيارن ۾ ڏيڻ جي قرارداد پاس ڪري سنڌ جي وسيلن جو سودو ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي معدني وسيلن تي پهريون حق سنڌي عوام جو آهي نہ ڪي اسيمبلي ۾ ويٺل وڪائو بي ضمير چونڊيل نمائندن جو سنڌي عوام سنڌ سرڪار جي ان قرارداد کي رد ڪري ڇڏيو آهي. سنڌ جي بي ضمير ۽ سفاڪ وڏيرن ڌرتي ماءُ تي ڌارين جي لوڌ آڻي سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪري سنڌ جي وسيلن, زمينن تي ڌارين کي قبضي جي کلي ڇوٽ ڏئي ڇڏي آهي ۽ سنڌ سرڪار سندن هر طرح جي ناجائزمدد ڪري پئي. پيپلز پارٽي جي ايم اين اي قادر مندوخيل 6 مهينا کنهن به علائقي ۾ رهڻ تي اتان جي ڊوميسائل ڏيڻ جو بل قومي اسيمبلي ۾ پيش ڪيو آهي جنهن وسيلي هاڻ سنڌين جون نوڪريون به ڌارين, غير ملڪي دهشتگردن کي ڏنيون وينديون. وفاقي حڪومت ۾ ويٺل اربين کربين رپين جي ڪرپشن ڪندڙ وزيرن, مشيرن ڪرپشن وسيلي ملڪ جو ڏيوالو ڪڍي ڇڏيو آهي. ڪرپٽ حڪمرانن ملڪي معشيت آئي ايم ايف جهڙي سامراجي اداري وٽ گروي رکي ڇڏي آهي. هاڻي مهانگائي جو طوفان آڻي سنڌ سميت ملڪ جي غريب مسڪين عوام کان هڪ ويلو ماني جو به ڪسيو پيو وڃي. ملڪ جا حڪمران پرڏيهين کي سنڌ ۾ آباد ڪرائڻ لاءِ بدنيتي تي مبني ڊجيٽل آدمشماري ڪرائي رهيا آهن. پرڏيهين کي سنڌ ۾ ووٽ ڏيڻ ۽ اليڪشن ۾ بيهاري ڪين کٽرائي سنڌ اسيمبلي ۾ آڻڻ لاءِ هي آدمشماري ڪئي پئي وڃي. هن بدنيتي تي مبني آدمشماري ذريعي غيرقانوني طور سنڌ ۾ رهندڙ پرڏيهين کي سنڌ جو شهري ڪري ڳڻيو ويندو جنهن ڪري سنڌ ۾ سنڌي دائمي طور اقليت ۾ تبديل ٿي ويندا. هنن چيو ته سنڌ جو عوام هن بدنيتي تي مبني آدمشماري کي رد ڪري چڪو آهي چاڪاڻ ته وفاقي حڪومت جو وقت کان اڳ ۽ اختيار کيل اصولن کان هٽي آدمشماري ڪرائڻ وارو فيصلو سنڌ ۾ سنڌين کي اقليت ۾ تبديل ڪرڻ جي سازش آهي. لساني سياست ڪندڙ حڪومتي اتحادي دهشتگرد ٽر جي فرمائش تي آدمشماري ڪرائي پئي وڃي ۽ آدمشماري ڪرائڻ لاءِ اڳ ۾ اختيار ڪيل اصولن جي ڀيڪڙي ڪندي ڊي فيڪٽو وارو طريقو اختيار ڪيو پيو وڃي. جنهن موجب ماڻهو جتي آهي اتي ڳڻيو ويندو ۽ شناختي ڪارڊ وارو شرط به لازمي نہ هوندو هنن چيو ته سپ کان پهرين سمورن ڌارين کي نيڪالي ڏني وڃي اسان سنڌ ڌرتي تي افغانين سميت ڪو به ڌاريو قابض ٿيڻ نه ڏينداسين, سنڌي قوم جي وسيلن تي بار نه بڻجن. هنن چيو ته بحريا ٽائون ۽ ٻين قبضاگير ڪالونين ذريعي سنڌين جون به قديم وسنديون ڊاهي پٽ ڪيون پيون وڃن. بحرياٽائون کي ته ملڪ جي قانون کان بالاتر خانگي هٿياربند ڏئي سنڌ ۾ نئين اسرائيلي سلطنت جو اعلان پڻ ڪيو ويو آهي. سنڌ جو عوام سنڌ جي زمينن ۽ وسيلن جي نيلامي خلاف ڀرپور جدوجهد ڪندو ۽ پرامن جمهوري جدوجهد ذريعي وسيلن ۽ زمينن جي نيلامي روڪرائيبو

بقايا — سنڌيار 08

دنيا جي مڃيل ليڊر شهيد راڻي محترمہ بينظير ڀٽو جو لخت جگر آهي ۽ پنهنجي شهيد نانا قائد ذوالفقار ڀٽو جي مشين کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙي رهيو آهي ,ساجد جوکيو تفصيل موجب پيپلزپارٽي ملڪ جي چئين صوبن ۾ مقبول هجڻ سان گڏوگڏ هن وقت به شهيد قائد ذوالفقارڀٽو جي منشور روٽي ڪپڙا ۽ مڪان ڏيڻ واري خواب کي پورو ڪرڻ جي لاءِ جاکوڙي رهي آهي اهڙو اظهار سوشل ويلفيئر جي صوبائي وزير محمد ساجد جوکيو سماجي اڳواڻ اعجاز فاروق خاصخيلي پاران ثقافتي پروگرام ۾ رهيل ويل شيلڊ ۽ مڃتا ايوارڊ ڏيڻ دوران آيل گڏاب پريس ڪلب جي صحافين چيئرمين ميرعلي گوهر بلوچ, آدم سريلو, گلشير باريجو ۽ سينيئر صحافي سڪندرعلي لغاري سان ڳالهائيندي چيو ته پ پ عوامي پارٽي آهي جيڪا هن وقت به عوام جي دلين تي راڄ ڪري رهي آهي ,هن چيو ته اسان جو محبوب پارٽي جو چيئرمين وزير خارجہ جون زميواريون سنڀاليندي پنهنجي نانا شهيد قائد ذوالفقارعلي ڀٽو جي ڇڏيل مشن روٽي ڪپڙا ۽ مڪان واري پروگرام کي اڳتي وڌائيندي ڪوشان آهي هن چيو ته اسان پ پ عدنہ ورڪر آهيون جنهن لاءِ پارٽي جي قائد جي حڪم تي عوام جي بي لوث خدمت ڪري رهيا آهيون هن وڌيڪ چيو ته شهيد راڻي محترمہ بينظيرڀٽو جي لخت جگر بلاول ڀٽو زرداري جي حڪم تي سموري سنڌ سميت پنهنجي علائقي جي ترقياتي ڪمن جهڙوڪ بجلي ,گئس, سيوريج لائينون ,روڊ ,رستا ,اسڪول,اسپتالون نهرائي ڏيڻ سان گڏوگڏ مزيد سهولتون ڏيرائڻ لاءِ پ پ جي پوري ٽيم محنت ڪري رهي آهي

بقايا — سنڌيار 09

ڪراچي ريليف فائونڊيشن جي گڏيل سهڪار سان سماج سڌارڪ اڳواڻ جي ايم چانديو جي نگراني ۾ المڪي' ڪارخاني ۾ فريدآباد ڪاچي جي مُختلف ڳوٺن علي بخش تيوڻو, الهڏنو تيوڻو, اڪڪيائي, فريدآباد سميت ڪيترن ئي ڳوٺن جي سوين ٻوڏ متاثر مردن ۽ عورتن ۾ راشن جا بيگ, ٿڌ کان بچاءَ لاءِ گرم ڪپڙا, سئيٽر ۽ ٻيو سامان تقسيم ڪيو ويو آهي جڏهن ته سماجي اڳواڻ مها ٻوڏ کان وٺي ٻوڏ متاثرن جي مدد ڪندڙ جي ايم چانديو ميڊيا سان ڳالهائيندي چيو ته پنهنجي وس آهر ڪراچي جي ڊونرن جي مدد سان ڪاچي ۾ ٻوڏ متاثرين جي خدمت ڪندو پيو اچان ۽ انشا اها منهنجي خدمت جاري رهندي!

بقايا — سنڌيار 10

21.12.2022 جي رات جو گهر وڃي رهيو هئس ته قائدا آباد ويجهو هٿيارن جي زور تي مونکي ساٿي سميت اغوا ڪيو ويو چار ڏينهن ٽارچر سيلن ۾ تشدد ڪيو ويو 30 لک روپيا ڀنگ ڀرڻ بعد حب چوڪي روڊ تي بيهوشي حالت اڇلائي ڇڏيو سي ڊي آر سامهون اچڻ تي خبر پئي ته ڊيل ڪرائيندڙ محمّد يونس 10 ڏينهن اڳ اغوا ڪارن سان رابطي ۾ هو ايف آئي آر ۾ موقف, تفصيل موجب, ملير ۾ ڀنگ لاءِ شهرين کي اغوا ڪندڙ ٽولي جو اڳواڻ اسپيشل برانچ انٽيليجنس انسپيڪٽر محمّد عرس جو پٽ محمّد يونس نڪتو ڪاروباري شخصيت عبدلنبي بروهي ايف آئي آر ۾ موقف اختيار ڪيو ته 21.12.2022 جي رات 11:00 وڳي پنهنجي گهر ڄام ڪندو وڃي رهيو هئس ته قائدا آباد ويجهو پوليس ۽ سادا ڪپڙا ڀريل هٿياربندن مونکي ۽ پارٽنر خالد اختر کي اغوا ڪري نامعلوم جڳه تي منتقل ڪيو جتي چار ڏينهن لڳاتار اکين تي پٽي ٻڌي ذهني اذيتون ڏئي تشدد ڪندا رهيا اسين جيئڻ جي اميد ئي وڃائي ويٺا هئا سين جنهن دوران پوليس انسپيڪٽر محمّد عرس جو پٽ محمّد يونس اغوا ڪارن سان رابطي ۾ اچي ويو ۽ اسان کي چيائين ته جيڪڏهن توهان 30 لک ڀنگ نه ڏنو ته هي توهان کي ماري ڇڏيندا جنهن بعد محمّد يونس جي مارفت اسين 30 لک روپيا ڀنگ جي ادائگي ڪئي مونکي حب چوڪي روڊ تي بيهوشي حالت ۾ اڇلائي ڇڏيو ۽ ساٿي خالد اختر کي ٻئي هنڌ اڇليو ويو جنهن ڪانپوءِ اغوا ڪندڙ پوليس اهلڪارن جي ڳولا ڪندا رهياسين عدالتي حڪم تي سي ڊي آر سامهون اچڻ تي خبر پئي ته اسان کي اغوا ڪندڙ پوليس اهلڪارن سان محمّد يونس 10 ڏينهن اڳ رابطي ۾ هو ۽ هڪ سوچل سمجهل سازش تحت ڀنگ لاءِ اسان کي اغوا ڪرايو ويو سنڌ هاءِ ڪورٽ جي حڪم بعد عبدلنبي بروهي جي فرياد تي شاھ لطيف ٿاڻي تي محمّد يونس ۽ سندس ساٿين مٿان اغوا ۽ ڀتي خوري سميت ٻيا قلم شامل ڪري ڪيس داخل ڪري ڇڏيو جنهن ڪانپوءِ اي وي سي سي پوليس ڪارروائي ڪندي ڪيس گرفتار ڪري ورتو گرفتار جوابدار کي اڄ عدالت ۾ پيش ڪيو عدالت 10 ڏينهن جي جسماني ريماند تي ڪيس اي وي سي سي پوليس حوالي ڪري ڇڏيو جوابدار کان ساٿين جي پڇا ڳاڇا ڪئي پئي وڃي ڪين جلد گرفتار ڪيو ويندو اي وي سي سي پوليس.

بقايا — سنڌيار 11

ٿي ويو جنهن جي مالڪي نہ ٿيڻ سبب اسپتال انتظاميہ پاران لاوارث جاڻي لاش امانت ڪري مقامي قبرستان ۾ دفن ڪيو ويو جنهن جون خبرون تصويرن سان سوشل ميڊيا تي هلڻ بعد سيتارجا ۾ وارثن سڃاڻپ ڪري ورتي آهي جڏهن ته ان حوالي سان سندس مامو ڪائونسلر ٽائون ڪاميٽي سيتارجا غلام عباس نول رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته تصوير اسان جي ٿي گم ٿيل نوجوان جي هئي جنهن جو لاش اسان قانوني ڪارروائي بعد اسپتال انتظاميہ جي مدد سان قبر کشائي ڪري حاصل ڪري ورتو آهي جنهن جي جنازي نماز مهراڻ پبلڪ اسڪول سيتارجا ۾ ادا ڪرڻ بعد ڪيس اباڻي قبرستان ۾ مٽي ماءُ حوالي ڪيو ويندو

بقايا — سنڌيار 12

۽ چوري ڪيل موٽرسائيڪلن جا پارٽس هڪ ڪباڙ واري دوڪان تي هٽ ڪرڻ جي دعوا ڪئي آهي ۽ اهو سامان مورو ٿاڻي تي آندو ويو جتي ايس ايڇ او مورو علي اڪبر ڪوڪر ٻڌايو ته مورو شهر مان موٽرسائيڪلون ڦرڻ ۽ چوري ڪيل هيون جنهن جي واپسي لاءِ مختلف هنڌن تي ڪارروايون ڪيون ويون ۽ هڪ اطلاع تي مورو جي درس روڊ تي هڪ ڪباڙي جي دوڪان تي ڇاپو هنيو جنهن وٽان انهن ڦر ۽ چوري ڪيل موٽرسائيڪلن جا الڳ الڳ حصا هٽ ڪيا ويا جيڪو تقريبن 20 گاڏين جو سامان ٿيندو ۽ هڪ جوابدار اطهر علي مستوئي کي سوگهو ڪري ورتو آهي جنهن تي ڪيس داخل ڪري وڌيڪ معلومات ورتي پئي وڃي جيڪو به هن ۾ ملوث هوندو ڪين هر گز بخش نہ ڪيو ويندو ۽ انهن کي قانون جي ڪٺهڙي ۾ سخت سزا ڏئي چوري ۽ ڦر ڪيل سمورين گاڏيون مالڪن کي ڏنيون وينديون. هن وڌيڪ چيو ته مورو ۾ امن امان جي صورتحال کي بهتر بنائڻ لاءِ وڌيڪ پوليس نفري مختلف چونڪ چوراهن تي مقرر ڪئي وئي ۽ هر ايندڙ ويندڙ ماڻهن جي تلاشي ورتي پئي وڃي جيڪو به ڪنهن ڏوھ ۾ ملوث هوندو ڪين بخش نہ ڪيو ويندو شهرين جي جان مال جي حفاظت ڪرڻ اسان پوليس جي اولين ترجيح آهي ۽ اسان ڏينهن رات عوام جا محافظ ٿي پنهنجو فرض نڀائي عوام جي حفاظت ڪنداسين.

بقايا — سنڌيار 13

۽ اسان هر دور ۾ اهڙن هٿ ڪنڊن جو ڇمي ڪري مقابلو ڪيو آ ۽ هاڻي به ڪندا رهنداسي، خبر موجب، سرحد ,اڳوڻو ضلعي چيئرمين مهر گروپ جي سرواڻ سردار علي گوهر جي پٽ, سردار حاجي خان مهر جي سرحد پريس ڪلب سرحد پهتو جتي هن نئين چونڊيل جي آيل بادي کي مبارڪون پڻ ڏنيون ان موقعي تي ايگزيڪيوٽو بادي جي چيئرمين سنئير صحافي حاڪم خان ابڙو, رانا راحت حسن صدر پريس ڪلب سرحد, جنرل سيڪريٽري عبدالحميد ابڙو, عطا حسين سومرو سنئير نائب صدر حاجي محمد مهر فنانس سيڪريٽري اعجاز احمد دايو, پڻ, اعجاز احمد پٽي, اشوڪ ڪمار, سليم ميمڻ,بابر مرتضيٰ مهر ٻن استقبال ڪيو ۽ مبارڪون ڏيڻ واري تقريب باد, سردار حاجي خان مهر صحافين سان ڳالهائيندي چيو ته مهر گروپ کي مخالفن هميشہ سياسي انتقام جو نشانو بڻايو آهي جڏهن ته اسان هميشہ ڪوڙن ڪيسن کي ڀهي ڪري مقابلو ڪيو آهي هن وڌيڪ چيو ته حڪومتي هٿ ڪنڊن هميشہ مهر گروپ کي ٽارگيٽ ڪيو آهي ۽ مخالفن جي هميشهارٿي آهي جي فضل سان مهر گروپ کي سوپ ملي آهي, سردار حاجي خان مهر چيو ,ته سرحد پريس ڪلب سرحد جي لاءِ مرحوم سردار علي محمد خان مهرءِ اسان پنهنجي دور ۾ سرحد پريس ڪلب لاءِ ڪوششون ورتيون سي ۽ سرحد پريس ڪلب هميشہ عوام جو آواز بڻجي مٿي آيو آهي, ان موقعي تي سردار حاجي خان مهر سان گڏ, سيد اصغر شاھ گيلاني, چوڌري لياقت آرائين, وڏيرو علي مراد مهر, عبدالحفيظ مهر ,يوسي عمر ڍهوجي چيئرمين نورحسن ملڪ, اختر مهر رحيم مهرءِ ٻيا پڻ گڏ هئا.

بقايا — سنڌيار 14

ملڪ جي اڳوٽي وزيراعظم قائد عوام شهيد ذوالفقارعلي ڀٽوجي 95 هين سالگره ملهائي وئي - ڪيڪ ڪاٽيو ويو- پ پ اڳواڻ غلام نبي مگڻهار ڪيڪ ڪاٽيو - تقريب کي پ پ اڳواڻ غلام نبي مگڻهار - اڳوٽي ناظم غلام مصطفيٰ چنا - ارشاد عباسي - نظير حسين چانديو - ڪامران مگڻهار - آفاق احمد مگڻهار - پ پ امير علي چانديو صحافي احمد علي چانديو صحافي فهد بروهي ۽ ٻين شرڪت ڪئي- تقريب کي پ پ اڳواڻ غلام نبي مگڻهار خطاب ڪندي چيو ته شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو ايشيا جو عظيم ليبدر هو - هنن چيو ته شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو پاڪستان کي ايٽمي طاقت سان نوازيو - هو عوامي ليڊر هو - شهيد ذوالفقار علي ڀٽو هارين- مزدورن پورهيتن جي حقن لاءِ عالمي صطح تي آواز اٿاريو- سالگره جي موقعي تي پ پ چيئرمين بلاول ڀٽو زرداري - آصف زرداري -صنم ڀٽو- فريال ٽالپر آصفا ڀٽو ۽ پاڪستان جي عوام کي مبارڪون ڏنيون.

بقايا — سنڌيار 15

جاڪيٽ ورهايا ويان موقعي تي ميڊيا سان ڳالهائيندي تحريڪ لبيڪ پاڪستان يوسي ديهات جي ناظم اعلا سيد خادم حسين شاھ چيو ته تحريڪ لبيڪ پاڪستان ملڪ جي هر ڪنڊ ڪڙڇ غريبن ۽ مسڪينن جي پنهنجي وس آهر سار لڌي آهي جنهن ۾ راشن ٽينٽ ۽ گرم ڪپڙا وغيره غريبن ۽ مدرسن جي ٻارڙن ۾ تقسيم ڪندي رهي آهي, سيد خادم حسين شاھ وڌيڪ چيو ته اڄ اسان پنهنجي هن مدرسي غوثيہ قادريہ ۾ تحريڪ لبيڪ طرفان مدرسي لاءِ مليل گرم ڪپڙا ۽ سوئٽر ورهائيندي پنهنجي قائدين تي فخر محسوس ٿا ڪيون ته اسان جي تحريڪ ۽ اسان جا اڳواڻ هر جاءِ تي هر وقت بهترين ڪم ڪندي نظر اچن ٿا ۽ تحريڪ لبيڪ پاڪستان جو منشور به اهوئي آهي ته غريبن ۽ مسڪينن جي ساٿ مدد ڪرڻ ۽ پنهنجي محبوب آقا جي نقشي قدم تي هلڻ. ان دوران سينئر شاعر ۽ صحافي عاجزامتياز نوح پوٽو, سينئر صحافي پرويز حسين پنڊ خصوصي شرڪت ڪئي

بقايا — سنڌيار 16

ويس نہ ڦورن رستو روڪي موٽر سائيڪل ۽ روڪ رقم ڦر ڪري فرار ٿي ويا هنن ايس ايس پي سکر کان مطالبو ڪيو آهي ته موٽر سائيڪل ڦر واقعي جو نوٽيس وٺي انصاف مهيا ڪيو وڃي. ٻئي پاسي ڪينٽ پوليس متاثرين جي فرياد تي اين سي داخل ڪري واقعي واري هنڌ پهچي جاچ شروع ڪري ڇڏي آهي.

بقايا — سنڌيار 17

اڳواڻ جاويد لطيف ميمڻ- پي ٽي آئي ضلعي ٽني جي اڳواڻن وقار احمد ميمڻ- ذوالفقار شورو- پ پ پ اڳواڻ ڊريائيو مل- جماعت اسلامي جي اڳواڻن امير حمزو- عارف سمون- سماجي اڳواڻ حميرا علي- زهرا جاکرو- ميڊم تنزيلا احمد- سونيا سميت ٻين اڳواڻن خطاب ڪندي چيو ته پاڪستان جي سياسي پارٽين کي گهرجي ته سياست ۾ عورت جي ڪردار کي اڳيرو ڪندي ڪين پاڪستان جي جنرل اليڪشن ۾ ڪين رزرو سيٽن کان علاوھ جنرل اليڪشن ۾ پڻ سيٽن تي ٽڪيٽون ڏنيون وڃن تہ جيئن پاڪستان جون عورتون پڻ تڪ جي سياست ڪري سگهن جڏهن ته سياسي پارٽين کي گهرجي ته پنهنجي تنظيمن جي اهم عهدن تي عورتن کي مقرر ڪن تہ جيئن عورتون پڻ سياسي ميدان ۾ بغير ڪنهن جي اڳيان اچي سگهن

بقايا — سنڌيار 18

ڪاشان قاضي ۽ ٻيا شريڪ ٿيا, قرآن خواني ۾ پ پ ضلعي لاڙڪاڻي جي سوين پارٽي ورڪرن شرڪت ڪري قرآن خواني ۾ حصو ورتو قرآن خواني بعد اجتماعي دعا گهري وئي, سوين ڪارڪنن قائد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو جي مزار تي حاضري ڀري خراج عقيدت پيش ڪيو, بعد ۾ پارٽي اڳواڻن ۽ ورڪرن گڙهي خدابخش ڀٽو اسپتال ۾ پيپلز ڊاڪٽرز فورم پاران هر سال لڳندڙ مفت اکين جي ڪئمپ تي وڃي مريضن جي عيادت ڪئي ۽ انهن ۾ لنگر جا پئڪيٽ تقسيم ڪيا, اسپتال انتظاميہ پاران ٻڌايو ويو ته نئون ڏيرو ۽ ان جي پر واري ڳوٺن کان آيل700 کان وڌيڪ مرد توڙي عورتون کي چڪاس ڪري ويو جن مان 200 کان وڌيڪ مرد توڙي عورت مريضن کي مفت اکين واري ڪئمپ پاران مفت آپريشن ڪري لينس لڳايا ويا هئا

بقايا — سنڌيار 19

ڪندي چيو ته دودو ويلي ايجوڪيشن طرفان 8 جنوري تي دودو ورسٽي ڪانفرنس رٿيل هئي, جنهن جي ايجنڊا سنڌ يونيورسٽي لاڙ ڪيمپس بدين کي دودو سومرو يونيورسٽي جي نالي سان اپگريڊ ڪرڻ هو. دودو ورسٽي ڪانفرنس جا خاص نڪتا دودو سومرو يونيورسٽي جي لاڙ ۽ بدين ۾ ضرورت, يونيورسٽي جو مستقبل ۾ ڪردار, يونيورسٽي جي تاريخي اهميت, دودو سومرو يونيورسٽي جو اپگريڊ ٿيڻ جو عمل, HECجون دودو سومرو يونيورسٽي لاءِ گهرجون ۽ سنڌ اسيمبلي ڏانهن منظوري جو بل هو, هن چيو ته ڪجه انتظامي ڪوٽ سبب ڪانفرنس کي هڪ مهيني لاءِ پوئتي ڪيو ويو آهي, ڪانفرنس 8 فيبروري تي ٿيندي.

بقايا — سنڌيار 20

جي مهورتي تقريب. ڳوٺ اوٺا ۾ ناليواري اديب ۽ سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي سيڪريٽري جنرل تاج جويو خطاب ڪندي چيو ته محمد عرس اوٺو سهڻو تخليقڪار ۽ سنڌ دوست ماڻهو آهي سندس ڪتاب جي نالي مان وطن پرستي ملي ٿي سندس شاعري ۾ وطن سان محبت جو جذبو ۽ احساس اتم طريقي سان بيان ٿيل آهي جڏهن ته سندس رومانوي جذبا, ذاتي احساس ۽ سماج ڏانهن هن جي نظر آهي ان جو احساس به هن ڪتاب مان ٿئي ٿو سندس شاعري ۾ پختگي آهي تقريب کي خطاب ڪندي آزاد انور ڪانڌڙو چيو ته محمد عرس اوٺو پختگو شاعر آهي سندس شاعري ۾ پيار جو پرچار اسان ۽ توهان جي دلين جي ترجماني, پنهنجي ڌرتي ۽ سرخ ٿبوتن جون ڳالهيون به شامل آهن. جئي سنڌ قومي پارٽي جي چيئرمين نواز خان زئور چيو ته محمد عرس اوٺو سنڌي ٻوليءَ جو خوبصورت شاعر آهي سندس شاعري ۾ رومانس سان گڏ قومي فڪر ۽ حب الوطني جو احساس به موجود آهي هن چيو ته شاعري جيڪڏهن پنهنجي وطن جي خوشبو سان واسيل ناهي ان ۾ پنهنجي وطن جو درد نٿو ٽپڪي ته اها شاعري گهڻي وقت تائين ماڻهن جي دلين ۾ نٿي رهي سگهي ان موقعي تي تقريب کي سنڌي ادبي سنگت جي مرڪزي رابطا سيڪريٽري رمضان ميمڻ, جسقم اڳواڻ اسلم خيرپوري, واحد سوز ملاح, احساس ميرل, صادق لاکو, علي محمد ڀٽو, عرس اوٺو, يوسف ڀٽو, ذوالفقار زعمر لاکائي ۽ ٻين پڻ خطاب ڪيو, جڏهن ته ان موقعي تي نوجوان شاعر محمد عرس اوٺو جي شاعري مجموعي ساٿيہ سنڌي سڪ جو مهورت ڪيو ويو ۽ آيل مهمانن کي اجرڪن ۽ لنگهين جا تحفا پيش ڪيا ويا.

بقايا — سنڌيار 21

محترم ذوالفقار علي ڀٽو صاحب جي 95هين سالگراه تقريب ڪوئائي وئي ۽ ڪيڪ ڪاٽيو ويو تقريب ۾ پ پ ضلع انفارميشن سيڪريٽري محمد جمن لغاري تلعقہ ٽنڊوالهيار جو صدر غلام قادر دل , تعلقي چمبڙ انفارميشن سيڪريٽري محبوب علي پتافي, سردار جي ايم پتافي وڏيرو شوڪت علي خاصخيلي, , رئيس اعجاز علي پتافي رئيس ڄام خان مدواڻي, چاچا سڪندر سومرو, رئيس اسلم خان ميراڻي, رئيس مرتظي لغاري, ارمان گل اوڏ, وڏيرو ابراهيم ڪيريو, گورڌن داس ڀيل, وڏيرو ابراهيم سولنگي,ڊاڪٽر روي ڀيل, راجو ٽاڪ, عبدالرزاق ملاح, حبدار علي لُنڊ, منير احمد لغاري, وهاب ابراهيم ڪيريو, هري درشن ڀيل ۽ ٻين سياسي سماجي تنظيمن سميت پي پي پي پارٽي ورڪرن ڪارڪن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي جهن ۾ ضلعي ٽنڊوالهيار جي جنرل سيڪريٽري سردار ظهير عباس پتافي ميديا سان ڳالهيندي چيو ته قائيد عوام شهيد ذوالفقار علي ڀٽو قوم کي گڏيل آئين ايٽمي پروگرام پاڪ چين دوستي اسٽيل مل جي تحفن سميت پاڪستان جي عام غريب ماڻهن جي لاءِ قانون پاس ڪرائي جمهوري حق ڏياريا ۽ شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو پنهنجي تقريرن ۾ چوندو هو ته آئون پاڪستان جي آئين لاءِ ۽ پاڪستان جي عوام لاءِ پنهنجو رت ڏيندس ۽ پنهنجو ٻچن جو رت ڏيندس جيڪو شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ثابت ڪري ڏيکاريو ۽ پاڻ سميت پنهنجي نياڻي محترمہ شهيد بينظير ڀٽو صاحبہ ۽ سندس خاندان پاڪستان جي جي عوام لاءِ جان جو نظرانو پيش ڪندي شهادت ماڻي جنهن تي پاڪستان پيپلز پارٽي سميت پاڪستان جي سموري قوم پڻ فخر محسوس ڪري ٿي

بقايا — سنڌيار 22

ملڪ کي ايٽمي طاقت بڻائڻ سميت عوامي خدمت جي ڪري هو اڄ به عوام جي دلين ۾ سمايل آهي ۽ سندس جي سالگرهہ جي موقعي تي ساٿس کي ڏنل قربانين تي سلام پيش ڪريون ٿا ان موقعي تي عبيد ميمڻ , احسان علي ميمڻ , نادر چانديو , مسڪين جروار , لالا شوڪت چانديو , رئيس خانزاده , بادشاھ لاڪير , ڪامران ٽگر , راجا رجب علي سمون , وسيم راڄپر , عطاحسين سمون ۽ ٻيا پڻ موجود هيا

بقايا — سنڌيار 23

ميمڻ, منظور رحيم پليجو, نجيب سرويچ, بابو رحيم, زاهد حسين ڪڏو, شهمير گبول, يوسف جمالي, حاجي محمد قريشي, ڊاڪٽرهريش ڪمار, واحد پرهياڙ, سڄاد شورو, ڊاڪٽرقاسم خواجہ, فردوس عزيز ميربحر, عبدالغني راهيمون, قادر ڪنير, بشيرسرويچ, غلام مصطفيٰ لغاري, شفيع لغاري, ساگر ميمڻ عبدالله خان لغاري, جاني جوڳي سميت ڪارڪنن وڏي انگ ۾ شرڪت ڪئي, ان موقعي تي تقريب کي خطاب ڪندي ضلع صدر رئيس محمد علي ملڪاڻي ۽ ٻين جو چوڻ هو ته شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو دنياجو وڏو ۽ عظيم ليڊرهو, شهيد ذوالفقار علي ڀٽو دنيا جو واحد مسلمان ليڊرهو جنهن پوري دنيا جي مسلم اڳواڻن کي هڪ هنڌ گڏ ڪيو ۽ پهرين اسلامي سربراهي ڪانفرنس ڪوٺائي, هو سدائين عوام جي دلين ۾ رهيو, هن پاڪستان کي ايٽمي طاقت جهڙو تحفو ڏئي پاڪستان ۾ جمهوري حڪومت قائم ڪئي اجوڪو ڏينهن شهيد ذوالفقارعلي ڀٽو جو جنم ڏينهن آهي جيڪو اسان لاءِ وڏي اعزاز جو ڏينهن آهي عوام اڄ به ذوالفقارعلي ڀٽو سان محبت ڪري ٿو اڄ به اسان جي دلين ۾ زنده آهي پيپلزپارٽي اڄ به بلاول ڀٽو زرداري, آصف علي زرداري جي قيادت ۾ پاڪستان جي مضبوط پارٽي آهي.

بقايا — سنڌيار 24

ويو لاڪاٽ روڊ ڄام حيدر علي مارڪيٽ مان نامعلوم چور نذير احمد چانديو جي دڪان جا تالا ٽوڙي 20 مڻ ڪٽڪ ۽ انويٽرچوري ڪري ويا قاضي احمد ويجهو ڳوٺ فتوهل زرداري پرسان آمري روڊ تي قيصر ڪوسي کان اٽجاٽل هٿيار بند سي ڊي موٽر سائيڪل ڦري فرار ٿي ويا

بقايا — سنڌيار 25

مگسي, نواب روپائي, سائين داد مگسي جي سربراهي ۾ 4 روز ميلو ٿي گذريو, ميلي جو افتتاع پ پ اڳواڻ سيد باشاھ شاھ شيرازي درگاھ تي چادر چاڙهي ڪيو, وفا مشتاق لاشاري ميلي ۾ بهترين ڪمپيرنگ جا فرائض انجام ڏنا, ميلي ۾ پريس ڪلب دڙو جي صحافين سميت علائقي جي معززين راڄن جي چڱن مڙسن ۽ دڙو ڀرپاسي کان آيل هزارين ماڻهن وڏي تعداد ۾ شرڪت ڪئي, جڏهن ته ميلي ۾ سهي ڪتي, اعلي نسل جي ڏڳن ۽ گهوڙا جا مقابلا ٿيا, ۽ سنڌ بلوچستان جي مشهور پهلوانن ۾ پهريون جوڙ غلام مصطفي نارو, خان محمد شورو, فدا ملاح, لالا حليم پناڻ, ٻيو جوڙ روح افزا لاشاري, حاجي هوٿيپوٽو, فريد لاشاري, محبوب سولنگي, حاجي شيدي ۽ ٻين وچ ۾ چوٽي جا مقابلا ٿيا, فائينل ۾ پهچندڙ پهلوانن ۽ ميلي ۾ خوبصورت دوڪان سينگاريندڙن ۾ ميلو لڳائيندڙ رئيس علي اڪبر مگسي, لاٽڪپور جي اڳوٽي چئرمين عبدالعزيز سومرو ۽ پريس ڪلب دڙو جي جنرل سيڪريٽري امداد ميمڻ نقد انعام تقسيم ڪيا.

بقايا — سنڌيار 26

ٽ الف اڳواڻن شفيع محمد ڪوسو محمد عيسيٰ مهر ڏتي بخش مهر صابن خاصخيلي ايڊووڪيٽ عارف پان اعجاز ملاح شرڪت ڪئي تقريب جي شروعات تلاوت قرآن پاڪ سان ڪئي وئي.تقريب ۾ آيل مهمانن کي اسڪول جي هيڊماسٽر سبحان علي بالادي آجياڻو ڏنو گستا صدر ولي محمد ڪوسو ۽ ضلع ايڊيشنل جنرل سيڪريٽري نسيم بالادي کي گلاب جي گلن جا هار پارائي واڌايون ڏنيون ان موقعي تي شفيع محمد ڪوسو ولي محمد ڪوسو صابن خاصخيلي خطاب ڪندي چيو ته استادن جي پاڻ ۾ ٻڌي ايکو هئڻ گهرجي پ ٽ الف ۽ گستا جو هڪ ٻئي سان پراڻو تعلق آهي ٻئي تنظيمون گڏجي استادن جي حقن لاءِ جدوجهد ڪن ٿيون استادن کي پنهنجي ڊيوٽي سچائي ۽ ايمانداري سان ڪرڻ گهرجي اليڪشن وڙهڻ هر ڪنهن جو جمهوري حق آهي پر صرف اليڪشن تائين نظرياتي اختلاف هئڻ گهرجن اليڪشن کان پوءِ پهريان سڀ پاڻ آهيون استادن جي پهرين ترجيح شاگردن کي معياري تعليم ڏيڻ آهي هنن شاگرن کي چيو ته استادن جو ادب ڪريو محنت ڪريو ڪاپي ڪلچر کان پاسو ڪريو

بقايا — سنڌيار 27

سلسلي ۾ ڪونايل گڏجاڻي ۾ ڪيو گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ ڊسٽرڪٽ اليڪشن ڪمشنر اظهر حسين ٽانوري اي ڊي سي ون نجيب الرحمان جمالي ضلعي بدين جا سمورا اسسٽنٽ ڪمشنرز ۽ او ۽ اي آر او سميت سمورا لاڳاپيل آفيسر پڻ موجود هئا ڊپٽي ڪمشنر بدين آغا شاهنواز خان چيو ته هر پولنگ اسٽيشن تي پاڻي بجلي صفائي سٽرائي واش روم ويلچيئر تي اچڻ وارن بيمار ۽ معذور ووٽرن لاءِ ريمپ پڻ ٺاهيا وڃن هن چيو ته ضلعي بدين ۾ 656 پولنگ اسٽيشن آهن جنهن مان 138 انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن آهن هن چيو ته انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن تي رينجرز جي نفري ۽ سي سي ٽي وي ڪيمرا پڻ نصب ڪيا ويندا هن تعليم کاتي جي آفيسرن کي هدايتون ڏيندي چيو ته ڪوشش ڪري صحت ڪاتي جي ملازم کان پولنگ اسٽيشن تي ڊيوٽي نہ ورتي وڃي پر انهي جي جاءِ تي نون ڀرتي ٿيل استادن کي مقرر ڪيو وڃي هن صحت کاتي کي هدايتون ڏيندي چيو ته هر پولنگ اسٽيشن تي فرسٽ ايڊ لاءِ گهربل سامان ۽ دوائون لازمي هجڻ گهرجن هن چيو ته ضلعي ۾ 80 ايمبولينس آهن انهي کان علاوه ريسڪيو 1122 جون ايمبولينس پڻ آهن جيڪي اليڪشن واري ڏينهن مختلف جاين تي الرٽ رهنديون هن وڌيڪ چيو ته ضلعو بدين پرامن آهي ۽ ان شاءَ پرامن رهندو گڏجاڻي ۾ ايس ايس پي بدين شاهنواز چاچڙ بريفنگ ڏيندي ٻڌايو ته بلدياتي اليڪشن لاءِ پوليس جو سيڪيورٽي پلان مڪمل آهي هر پولنگ اسٽيشن تي 4 پوليس جا جوان موجود هوندا جڏهن ته انتهائي حساس پولنگ اسٽيشن تي 8 پوليس جا جوان موجود هوندا انهي کان علاوه 80 ريسپانس ٽيمون جوڙيون ويون آهن جيڪي اٽوٽندڙ واقعي جي صورت ۾ لاڳاپيل پولنگ اسٽيشن تي 10 کان 15 منٽن ۾ پهچي ويندا

بقايا — سنڌيار 28

خطاب ڪندي اڳواڻن چيو ته بدين ۾ گذريل 7 سالن کان بدانتظامي سبب مسئلا وڌي وڃڻ تي ويا آهن شهر جا روڊ رستا گهٽيون واٽر سپلائي ڊرينج تباھ ٿي چڪو آهي ميونسپل ڪميٽي کي مهيني ۾ بہ ڪروڙ رپيا جي بجيٽ ڪرپشن جي ور چڙهي وئي گذريل 7 سالن کان ميونسپل ڪميٽي طرفان شهر ۾ ڏکي جو بہ ترقياتي ڪم نہ ڪرايو ويو آهي هنن چيو ته بدانتظامي جي صورتحال اها آهي جو بدين شهر ۾ اٽي ڪڪڙ سبزي فروٽ ۽ عام واهپي جي شين جا اگهہ حيدرآباد ڪراچي لاهور اسلام آباد جهڙن شهرن کان به مٿي آهن جنهن سبب غريب طبقو مهانگائي ۽ پيڙهجي رهيو آهي شهر ۾ واٽر سپلائي جي پاڻي جي فراهمي جي شيڊول بہ ڏاڍا ڊول ٿي ويو آهي ڊرينج نظام تباھ ٿيڻ سبب گٽرن جو پاڻي روڊن تي ڪاهي پيو آهي هنن چيو وڌيڪ چيو شهر ۾ ميونسپل ڪميٽي جي نااهلي سبب حددخلين جو آزار وڌي ويو آهي هاڻ رستن تان پيادل هلڻ مشڪل بڻجي ويو آهي جڏهن ته شهر ۾ بجلي جي لوڊشيڊنگ ۽ گيس جي پريشر ۾ هٿرادو گهٽتائي سبب شهري ٻٽي عذاب ۾ مبتلا آهن جڏهن ته سرڪاري آفيسن ۾ رشوت جي بازار گرم آهي ڪوجائز ڪم بنا رشوت جي نہ ٿو ٿئي هنن مطالبو ڪيو ته بدين شهر جي مسئلن کي حل ڪيو وڃي بي صورت ۾ مسئلن جي حل لاءِ علامتي بک هڙتال جو سلسلو شروع ڪيو ويندوS55

بقايا — سنڌيار 29

ڪمار, ڊاڪٽر مجيب الرحمان ۽ ٻين 800 سو بيمار مريضن کي چڪاس ڪري مفت دوائون ڏنيون- اسان تيل گئيس ڪمپني جي طرفان ڪاڇي جي ڳوٺن 40 کان وڌيڪ ميڊيڪل ڪئمپون لڳايون آهن غريب مسڪين بي سهارا ماڻهو فائدو حاصل ڪري سگهن سڄي ايم جوڻيجو- خبرموجب ڪاڇي ۾ تيل گئيس ڪمپني جي طرفان ڳوٺ پنيا ڏيرا جي بوائز پرائمري اسڪول ۾ مفت ميڊيڪل ڪئمپ لڳائي وئي- جنهن جي نگراني تيل گئيس ڪمپني جي اعليٰ آفيسر جي ايم جوڻيجو ڪئي- ميڊيڪل ۾ ڪراچي آغا خان اسپتال جي ماهر ڊاڪٽرن نريشڪمار ڊاڪٽرمجيب الرحمن ۽ ٻين شرڪت ڪئي - ميڊيڪل ڪئمپ ۾ 800 کان وڌيڪ بيمار مردن- عورتن ۽ ٻارڙن کي چيڪب ڪري مفت ۾ دوائون ڏنيون ويون - انموقعي تي تيل گئيس ڪمپني جي بالا آفيسر انچارج جي ايم جوڻيجو چيو ته اسان ڪاچي ۾ 40 کان وڌيڪ ميڊيڪل ڪئمپون لڳائي چڪا آهيون- ڪاڇي ۾ غريب مسڪين بي سهارا بيمار ماڻهن جي خدمت ڪرڻ چاهيون ٿا - جڏهن ته مديڪل ڪئمپ ۾ سماجي اڳواڻ ميهر علي ڏيرو , علي حسن ڏيرو ,جاويد احمد ڏيرو. محمد حنيف ڏيرو ٻين حصو ورتو

بقايا — سنڌيار 30

ڏنيون مون ۽ منهنجي خاندان کي خطرو آهي, عدالتن جي حڪمن باوجود دادو پوليس سڪيورٽي فراهم نہ پئي ڪري 5 جنوري 2023 تي دولتپور جي عدالت ۾ ٻڌڻي آهي مونکي اها خبر ناهي ته مان اتي پهچي سگهندس يا نہ , جيسيتائين جوابدار گرفتار نہ ٿيندا اسان احتجاج ختم نہ ڪنداسين, عدالت ڪيس ۾ مک جوابدار پيپلز ميڊيڪل يونيورسي نواب شاھ جي ڊائريڪٽر غلام مصطفي راجپوت جي ضمانت رد ڪئي آهي, دادو پوليس وومين سيل جي انچارج بينظير جمالي اسان جي مخالفن کان پيسا ورتا آهن اسان کي مارڻ لاءِ سازش تحت اسان کان پوليس سيڪيورٽي واپس ورتي وئي آهي, ٻئي طرف الزام هيٺ آيل دادو وومين سيل جي انچارج انسپيڪٽر بينظير جمالي رابطو ڪرڻ تي ٻڌايو ته مونکي مامري بابت خبر نہ آهي مون رات سوشل ميڊيا تي علي نواز رند جو بيان ڏٺو آهي. بنا جواز مون مٿان غلط الزام هڻي پيو جن تي حملي جا الزام هڻي پيو مان انهن کي نہ ٿي سڃاڻان علي نواز رند مٿان سندس پائيٽي پروين رند 2015 ۾ ڪيس داخل ڪرايو هو جنهن تي مون هن کي گرفتار ڪري عدالت ۾ پيش ڪيو هو. دادو ۾ مختلف ماڻهن جا سندس مٿان ڪيترائي قتل ۽ فسادن جا ڪيس داخل ٿيل آهن. پراپرٽي تي پڻ مسئلا هلندڙ اٿس سندس کي دادو بي سيڪشن پوليس 2 اهلڪار ڏنا هئا جن مان هڪ ڪورس تي ويل آهي ۽ هڪ اهلڪاراجا تائين هنن وٽ سڪيورٽي جا فرائض انجام ڏئي رهيو آهي.

بقايا — سنڌيار 31

کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مناسب پليٽ فارم مهيا ڪري سنڌن ٽيلنٽ کي اپارڻ آهي. نوجوانن کي راندين ڏانهن راغب ڪرڻ ۽ منشيات سميت ٻين سماجي بُرائين کان پري رهڻ جو پيغام ڏيڻ چاهيون ٿا. تقريب جي مهمانن ۾ حضور بخش خاصخيلي ڊسٽرڪٽ ايجوڪيشن آفيسر ٺٽو, مئڊم ياسمين انڙ هيڊ مسٽريس گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مڪلي, محمد صفدر ٺٽوي فوڪل پرسن اسپورٽس ٺٽو, مس فوزيہ رند, مس صائمہ ۽ ٻين خطاب ڪيو. هنن وڌيڪ چيو ٺٽي ضلعي جي نياڻين ۾ ٽيلنٽ جي ڪا بہ کوٽ نہ آهي سنڌن ٽيلنٽ کي ترقي وٺرائڻ لاءِ اهڙين قسمر جي سهولتن جي فراهمي کي يقيني بڻائين جي ضرورت آهي. نوجوان اسان جو مستقبل آهن سنڌن مستقبل کي شاندار بڻائڻ لاءِ اسان سڀني کي گڏجي هرفورم تي همت افزائي ڪرڻ گهرجي ته جيئن هو پنهنجي صلاحيتن ذريعي اڳتي اچي پنهنجي ملڪ ۽ قوم جو نالو روشن ڪري سگهن هر نوجوان ۾ صلاحيت هوندي آهي پر جيڪڏهن ڪنهن شيءِ جي کوٽ آهي ته اهو هڪ نامناسب پليٽ فارم آهي. اسپورٽس فيسٽيول جو مقصد نياڻين کي مناسب پليٽ فارم مهيا ڪيا وڃنا. گرلز هيڊ منٽن جو فائنل کٽڻ جو اعزاز گورنمينٽ گرلز ڪيمپس اسڪول ٺٽو جي شاگردياڻي مهڪ حاصل ڪيو . جڏهن ته گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول وارڊ 1 ٺٽو جي شاگردياڻي افسانہ ٻئي پوزيشن حاصل ڪئي. ايونٽ جي پهرين سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ ڪيمپس اسڪول ٺٽو جي ٽيم گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول مڪلي جي ٽيم کي شڪست ڏني. جڏهن ته گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول وارڊ 1 ٺٽو جي ٽيم بي سيمي فائنل ۾ گورنمينٽ گرلز هاءِ اسڪول گهارو جي ٽيم کي هارايو. تقريب جي آخر ۾ ڪامياب رانديگرن کي انعامات ڏنا ويا.

بقايا — سنڌيار 32

غريب مسڪين ماڻهن جي پارٽي آهي اسان پنهنجي تڪ جي عوام سان گڏ آهيون غم توڙي خوشي ۾ پنهنجي عوام کي ڪڏهن به اڪيلو نہ ڇڏينداسين, ان موقعي تي تعلقي خيرپور جي صدر پاڪستان پيپلز پارٽي جي سينئر اڳواڻ حاجي محمد سليمان کٽوهر جنرل سيڪريٽري عتيق الرحمان ڦلپوٽو شهزادو طاهر امتياز ڦلپوٽو زاهد علي گهبير سابقا انفارميشن سيڪريٽري بختاور نواب يوسي گجو جي چيئرمين محمد مبين سمنگ ميمبر ضلع ڪائونسل مريد عباس ڦلپوٽو وائيس چيئرمين محمد صالح کٽوهر ڪائونسلر عادل خشڪ غلام علي کٽوهر خان محمد عمراڻي مختيار احمد ڏوگر ۽ پاڪستان پيپلز پارٽي يوٿ ونگ آرگنائيزيشن سکر سب ڊويزن جو صدر محمد عرس ابڙو پڻ گڏ هئا

بقايا — سنڌيار 33

, مطالبن جي لسٽ پيش, مطالبا حل ڪري عوام کي رليف فراهم ڪرڻ جي اپيل بي صورت ۾ احتجاج جو چتاءُ تفصيل موجب ضلعي انتظاميہ جي عوامي مسئلن سان عدم دلچسپيءَ سبب ميرپور ماٿيلو سميت گهوٽڪي ضلعي جي ننڍن توڙي جو وڏن شهرن ۾ انن جي بحران تي ضابطو نہ اچي سگهيو آهي جنهن سبب شهر جي دوڪانن تي اٽو هڪ سئو چاليهہ کان هڪ سئو پنجيتاليہ روپيا ۽ ٻهراڙي جي علائقن ۾ اٽي جو في ڪلو هڪ سئو پنجاهہ روپيا عوام کي وڪرو ڪيو پيو وڃي ان سلسلي ۾ گذريل ڏينهن قومي امن ڪاميٽي ضلعي گهوٽڪي جي اڳواڻن جو وفد قادر بخش نائچ, ذوالفقار ڪورائي, اللهڏيوايو ڪلهوڙو, آفتاب حسين شاھ, اصغر لاڙڪ, ذوالفقار مهر, جاويد لاشاري, خالد حسن شيخ جي اڳواڻي ۾ ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي سان ملاقات لاءِ پهتا پر ڊپٽي ڪمشنر گهوٽڪي جي عدم موجودگي سبب وفد اي ڊي سي ٽو ماجد شيخ سان ملاقات ڪري عوامي مطالبن جي لسٽ پيش ڪئي ان موقعي تي اي ڊي سي ٽو ماجد شيخ وفد کي خاطري ڪرائيندي چيو ته پيش ڪيل مطالبن جي لسٽ سنڌ حڪومت ۽ متعلقا آفيسرن کي موڪلي ويندي ته جيئن اوهان پاران پيش ڪيل مطالبا جلد منظور ٿي سگهن ان سلسلي ۾ وفد ۾ شامل قومي امن ڪاميٽي جي اڳواڻن ميڊيا سان ڳالهائيندي چوڻ هو ته سنڌ جي ٻين ضلعن جيان گهوٽڪي ضلعي ۾ هلندڙ اٽي جي بحران تي ضابطو نہ اچي سگهيو آهي جنهن سبب غريب ماڻهون بہ ويلا ماني کپي لاءِ پريشان ٿي ويو آهي هنن اهڙي حوالي سان مطالبن جي لسٽ اي ڊي سي ٽو حوالي ڪئي آهي اميد آهي ته عوام کي رليف ڏيڻ جي حوالي سان ضلعي انتظاميا مطالبا تسليم ڪندي بي صورت ۾ احتجاج جو سلسلو شروع ڪيو ويندو